


# وايون سنڌوءَ ڇايون

## زاهد شيخ

نئون نياپو اڪيڊمي
سچل ڳوٺ، ڪراچي سنڌ

ڊجيٽل ايڊيشن:
2019ع
سنڌ سلامت ڪتاب گھر



وايون سنڌوءَ ڇايون: زاهد شيخ
www.sindhsalamat.com

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”وايون سنڌوءَ ڇايون“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب نامياري شاعر ۽ راڳي **زاهد شيخ** جي واين جو مجموعو آهي. رحمت پيرزادو مهاڳ ۾ لکي ٿو:

”زاهد شيخ سدائين جاڪوڙيندڙ ۽ متحرڪ شاعر رهيو آهي، هو ماٺ ڪري ويهڻ، سُستي، ڪاهلي ۽ جمود جو ساٿي ناهي رهيو، اڳتي وک وڌائڻ ۽ ازلي منزل طرف هلڻ جي ڳالهه ڪري ٿو. زاهد جو سنڌ جي آجپي ۾ ويساهه آهي. هو ڪاغذي شاعر ناهي پر ”شعلا شعلا واءَ ۾“ وارو شاعر آهي. زاهد شيخ، شاهه لطيف جي انهن مظلوم طبقن جو شاعر آهي، جيڪي محنت ڪندڙ ماروئڙا آهن، جيڪي سُجاڳي چاهن ٿا.“

هي ڪتاب 2017ع ۾ **نئون نياپو اڪيڊمي سچل ڳوٺ، ڪراچي** پاران ڇاپيو ويو آهي. ٿورائتا آهيون نئون نياپو جي سرواڻ **انعام سنڌيءَ** جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ ٿورا پياري **زاهد شيخ** جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.


**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**




## ارپنا

ماں پنهنجو هي ڪتاب
سنڌ جي اُنهن سپني سچن سپوتن جي نانءِ ڪيان ٿو
جن سنڌ امڙ جي آزاديءَ لاءِ
وقت جي هر جابر کي للڪاريندي
پنهنجين جانين جا نذرانا ڏنا آهن

# وايون سنڌوءَ ڇايون

## زاهد شيخ


موضوع: وايون
انگ: هڪ هزار
ڇاپو پهريون: جون 2017
پاران: نئون نياپو اڪيڊمي،
سي-4، سچل ڳوٺ گلشن اقبال ڪراچي
Ph: 021_34690389
Cell # 0333_2311582
**مُلهه: 300 رپيا**

اسٽاڪ

**سنڌ بڪس ڪراچي**
M.G-4, دي بڪ مال سامهون وومين ڪاليج اردو بازار ڪراچي، سنڌ
021–32711010

# مهاڳ

**جذهن** ٻہ ڪنهن شاعر جو ڪتاب سامهون ايندو آهي تہ هڪ پُراسراريت ۽ هڪ تجسُس ڀري ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي ۽ ماڻهو سوچيندو آهي تہ هُن شاعر هن دنيا کي ڪيئن ڏٺو هوندو ۽ ان جي مشاهدي جو اظهار ڪهڙو هوندو ۽ ان اظهار جو ميڊيم ڪهڙو هوندو ۽ دنيا ۾ موجود سيني شاعراڻن اهڃاڻن جو هڪ گڏيل تصور، اڳ ۾ ئي هڪ سحر انگيز ڪيفيت طاري ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ماڻهو شاعراڻي دنيا ۾ داخل ٿي، پنهنجي اندر ۾ موجود چڻ هر عشق جو ادراڪ ۽ هر حُسن جو لقاءُ ڀَسڻ لاءِ آتو هوندو آهي.

شاعري ٻُڌائيندي آهي ۽ اهو اظهار ڪندي آهي تہ جنهن شاعر جو اوهان مطالعو ڪري رهيا آهيو ان دنيا کي ڪيئن ڏٺو آهي يا دنيا ان تي پنهنجا ڪهڙا اڇوتا اسرار کوليا آهن ۽ ذات جي ديوي ان ڪويءَ جي اوجاڳن تي ڪيئن پنهنجا عريان انگَ ظاهر ڪيا آهن جن جو اظهار هِن شاعر ڪيو آهي.

هاڻي ذات ۽ شاعر جي وچ تي هڪ ٽين دنيا بہ پنهنجا رستا کوليا آهن ۽ اها ٽين دنيا پڙهندڙ جو ذهن آهي. هڪ شاعر جي شاعري پڙهي، اهو احساس ٿيندو آهي تہ هن پنهنجي دور ۾ ايتري ذات ملڻ کان پوءِ دنيا کي ڇا ڏنو؟ هن کي ماحول ڪهڙو مليو ۽ ان ۾ هُن Input ڇا ڪيو يا ـ Deliver ڇا ڪيو. پنهنجي آس پاس جي سڄي سماج ۾ هن ڇا ڏنو!؟ ڇا هُن رڳو تشبيهون، استعارا، ڪنايا، رمزون، اشارا ڏنا، گهڙيا، تخليق ڪيا، يا ليڪڪ ۽ ذات جي فني ۽ فڪري حاصلات مان ڪو پڙهندڙ کي پيغام بہ مليو يا نہ!.

اصل تخليق Message Oriented آهي ۽ پيغام يا سبق ڏيندڙ ٿيندي آهي. اهو تخليق ڪار بدنصيب آهي ۽ ذات جو محتاج آهي جنهن جي شاعريءَ ۾ ميسيج ناهي. پوءِ سوسائٽي ان جو ميسيج ڪڏهن ٿي سمجهي، سمجهي بہ ٿي يا نہ ٿي سمجهي اهو حالتن تي منحصر آهي. گهڻا شاعر آهن جن



جو ميسيج صدين کان پوءِ سمجهيو ويو ۽ ڪيترين ئي بدنصيب قومون آهن جيڪي مرندي مري ويون پر پنهنجي پيغمبرن کي سُڃاڻي نہ سگهيون.

جڏهن قومون ڪنهن شاعر کي سڃاڻنديون آهن تہ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ انهن جا گيت هوندا آهن، هر ٻالڪ ٻالڪ جي **ٻاتي** لهجي ۾ انهن جون سٽون سُرنديون رهنديون آهن. اهو وقت جو سچ آهي تہ شيخ اياز جي جنهن بيت کي عابده پروين عالمي ڪانفرنسن ۾ ڳائي، استاد منظور علي خان بہ انهن سٽن کي محفلن ۾ ڳائي ۽ لاهوتيءَ جي اعلان ۾ ميلن تي بہ اهو بيت دهرايو ويجي سمجهو تہ ان عوامي مقبوليت ماڻي ورتي. جاڳ ڀٽائي گهوٽ، توکي سنڌڙي ٿي سڏڙا ڪري،

مـرن پـيـو مـارويـون، ۽ قـابـو آهـن ڪـوٽ،
اڇ تـہ تـنـهـنـجـي اوٽ، ڏاڍن کـي ڏاري وجـهـون.
(اياز)

جيستائين ڏاڍ موجود هوندو شيخ اياز مري نہ ٿو سگهي. اِها شاعري اُها آهي جيڪا هر طبقي کي هڪ جيترو متاثر ٿي ڪري. اصل شاعري اها ئي هوندي آهي. پوءِ اها خودبخود عوامي رنگ ۾ ڳائي ويندي آهي. منهنجو ذاتي رايو آهي تہ ڳائي اها شاعري ويندي آهي جنهن ۾ درد هوندو آهي ۽ ان جي اظهار ۾ سچائي هوندي آهي. شيخ اياز جي ڌرتيءَ جي اڄ جنهن شاعر جي واين جو ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي، اهو پڻ عوام جي مقبوليت ماڻيندڙ شاعر آهي جنهن جو نالو آهي زاهد شيخ.

هي خوش شڪل، بااخلاق، يار ويس ۽ بي حد فضيلت ڀريو نوجوان دوست انتهائي سڄاڻ شاعر، سچو انسان ۽ شاعريءَ ۾ اُن اسڪول آف ٿاٽ جو ماڻهو آهي جن سماج کي پنهنجي شاعريءَ وسيلي ڪو پيغامُ، ڪو ميسيج، ڪو تحرڪ ۽ ڪا واٽ ڏني آهي، ڇڙو محبت جي روايتي تشبيهن، استعارن، محرڪن ۽ لفاظيءَ جو اظهار نہ ڪيو آهي پر لفظن ۾ جذبو ڀريو آهي ۽ سُتل قوم کي ڇرڪايو آهي ۽ هڪ دور جي شاعريءَ تي پنهنجو اثر ڇڏيو آهي.

منهنجي ذات جي ويجهو منهنجي دل جي داخلي دنيا ۾ زاهد شيخ جا اهي سمورا گيت گنگنائجي پڙاڏا ٻڌجندا رهندا آهن جيڪي سرمد سنڌيءَ جي شهرت جو سبب بڻيا هئا ۽ اهو تاثر عام هئو تہ سرمد ڳائي تہ زاهد جي شاعري ڳائي. ٻيو منهنجي اندر جي دنيا ۾ زاهد شيخ جي بافضيلت شخصيت بہ پنهنجي ڀرپور جوڀن ۾ موجود آهي، هو انهن دوستن منجهان آهي جن جي ڪنهن بہ ڳالهہ تي انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي. زاهد شيخ سنڌ جو "سڪي لڌو" فرزند آهي ۽ سڄي سنڌ هُن سان مون وانگر محبت ڪري ٿي. ڇو تہ هو

سنڌ جو آواز آهي. هُن جون وايون وقت جا وار پٽن ٿيون، احتجاج ڪن ٿيون ۽ صدا هڻن ٿيون تہ اوهان سنڌ کي برباد ٿا ڪيو ڏسو تہ سنڌ ڇا هي! اهو زاهد شيخ جي هن ڪتاب جو ميسيج آهي:

بيت سمورا سنڌ جي ساگر جا موتي،
وايون سنڌوءَ ڇايون آهن
بيوس هر ڪنهن پيڻ لئِہ منهنجا هٿ پوتي-
وايون سنڌوءَ ڇايون آهن. (زاهد)

يا هي عالمِ انسانيت لاءِ سنڌ جو پيغام ڏسو:

سنڌ پومي آهيان
ڌرتيءَ گولي تان- منهنجو نانءُ نہ ميٽيو-
وارث اٿم واهرو،
نڌڪي ناهيان. منهنجو نانءُ نہ ميٽيو- (زاهد)

زاهد شيخ سدائين جاڪوڙيندڙ ۽ متحرڪ شاعر رهيو آهي، هو ماٺ ڪري ويهڻ، سُستي، ڪاهلي ۽ جمود جو ساٿي ناهي رهيو اڳتي وڪ وڌائڻ ۽ ازلي منزل طرف هلڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو. زاهد جو سنڌ جي آجپي ۾ ويساهہ آهي. هو ڪاغذي شاعر ناهي پر "شعلا شعلا واءَ ۾" وارو شاعر آهي. سندس هڪ خوبصورت وائي آهي تہ:

سورِ وِڪن کي سورِ،
چورِ چپن کي چورِ- مهل نہ آهي ماٺ جي-
جُهوني جُهورِ سماج کي-
بيهي پچي پورِ، مهل نہ آهي ماٺ جي- (زاهد)

هڪڙو اهڙو دور آيو جو زاهد پاڻ ڳائڻ شروع ڪيو هُو وڪٽر هارا وانگر محفلن ۽ ميڙاڪن ۾ مائيڪ وٺي پاڻ ڳائڻ لڳو. اها هُن جي روح جي سچائي آهي ۽ تخليق سان سندس بي پناهہ پيار جي نشاني آهي. سندس جذبا جوان آهن، مگر صبح ٿيڻ کان پهريان رات وڌيڪ ڪاري ۽ ڀيانڪ ٿي ويندي آهي. پر سچائيءَ سان ڪيل شاعري خود شاعر لاءِ بہ مشعل بڻجي ويندي آهي پنهنجي شاعري هڪ سُونهين جو ڪردار ادا ڪندي آهي ۽ جذبن جي سچائي اُن پوئين پُور مان پار ڪرائيندي آهي. زاهد چئي ٿو:

وستيءَ وستيءَ واسَ،
چاڻ تہ پُني آسَ- باقي ٿوري رات الا
زاهد نيٺ تہ روڪبا،
راهُن ۾ راڪاسَ- باقي ٿوري رات الا. (زاهد)



زاهد پُراميد آهي، هُن حالتن جي ٻاٽ ۾ گهبرايو ناهي ۽ چوي ٿو تہ روشني ضرور ايندي:

رولي ڪيئون رات،
سُرندو ايندو سج- رڙهندي ايندي روشني-
هينئڙا پُٺ نہ هارجي،
جيئڙا يار نہ جِهجُ- رِڙهندي ايندي روشني- (زاهد)

مون جڏهن بہ ڪنهن جي واين تي لکيو آهي يا ڪنهن جون وايون پڙهيون آهن تہ هڪڙي سهڻي سنڌي شاعر مشتاق ٻاگاڻيءَ جي هڪ وائي مون کي هميشہ ياد ايندي آهي تہ:

توجو پانيو پِٽ،
ريڊارن جو رٽ- ٿاري ٿاري ڪائجانءِ! (مشتاق ٻاگاڻي)-

ان وائيءَ ۾ ڪيڏو درد آهي، ڪيڏي سچائي آهي. اهڙي ئي هڪ پُرسوز وائي زاهد شيخ جي هن ڪتاب ۾ ٿر جي ٻارڙن جي حوالي سان آهي، زاهد لکي ٿو:

مان ڪيئن پيئان ڪيرُ،
منهنجو ٿر ۾ وِيرُ- آيل اُڃ مري ويو- (زاهد)

هنن سٽن ۾ ڪا بہ تشبيهہ ناهي، هي سٽون سماجي حقيقت نگاريءَ جو مجسمو آهن. وائيءَ جي وراڻيءَ سميت انهن ٽن سٽن ۾ ڪا بہ ڊمانڊ ناهي، پر اهي سٽون هڪ لڪير آهن، جيڪا ذهنن ۾ سرحدون طئِہ ڪندي آهي. سرحدون جيڪي ملڪ ٺاهينديون آهن، اهي تي سٽون اها لڪير ٿيون ٿاهن جيڪا دنيا جي نقشي ۾ ظاهر ٿي ٿئي. هي سٽون اُهو منظوم سچ آهن جن کان اسان جا سياسي نمائندا لاتعلق آهن. ٿر جي اڳهاڙن ماڻهن جي نالي ۾ ووٽ ڪٽي ڪٽي گرم صحرا مان ٿڌين گاڏين ۾ گذرندڙ ۽ پارليامينٽ جي وڏن هالن ۾ ڪشادين ڪرسين تي ويٺل اهي پوتار جنهن رياست ۽ سامراج جي پڙوت ٿا ڪن، اها روش هاڻي رهڻي نہ آهي. چو تہ ديس جا شاعر، ليکڪ، باشعور قلم ڪار ۽ سُرن جا سفير سجاڳ آهن- هاڻ ڪو بہ ٻار مرندو تہ ڌرتيءَ جي دل گڏجي ڌڙڪڻ لڳندي.

آئون جنهن Massage Oriented شاعريءَ جي ڳالهہ ڪيان ٿو ان ۾ پنهنجي دور جي سچ کي آرٽسٽڪ نموني بيان ڪرڻ، هڪ اهم نُڪتو آهي. پنهنجي دور جي سماجي حالتن کان خالي شاعري کهڙو پيغام ڏئي سگهي ٿي. ان لاءِ ضروري آهي تہ ذات جي روانيءَ سان گڏ شاعر جي مطالعي ۽ مشاهدي، محنت ۽ سچائيءَ سان گڏ پنهنجي دور جي سچ جو ساٿاري ٿجي تہ شاعري عوام

۾ پاڻ مقبوليت ماڻيندي.

باقي عوام کان ڪٽجي جيڪا شاعري ٿئي ٿي اها يا ته جهنگ جا جانور سمجهي سگهن ٿا يا اِيلين مخلوق ان مان فائدو وٺي سگهي ٿي. پوءِ مچتا جو سوال ماڻهن کان ڪرڻ نه کپي. جڏهن شاعري مظلوم قوم لاءِ ڪجي ٿي ته ان پرک به ٿيندي ۽ پرک جا پئمانا به طئِ ٿيندا. شاعري ڪهڙي طبقي سان تعلق رکي ٿي؟ اهي سوال به پڇيا ويندا. زاهد شيخ شاهه لطيف جي انهن مظلوم طبقن جو شاعر آهي، جيڪي محنت ڪندڙ ماروئڙا آهن. جيڪي سُجاڳي چاهن ٿا، ۽ پوءِ زاهد شيخ انهن کان اهو سوال به ڪري سگهي ٿو ته:

ڪو ته ڪيو ڪڙڪو
باهه جيان پڙڪو- آهيو ڪنهن جي آسري.
زاهد پنهنجي دل منجهان
دور ڪيو ڏڙڪو- آهيو ڪنهن جي آسري. (زاهد)-

ڏسڻو اهو آهي ته زاهد پنهنجي شاعريءَ وسيلي ديس جي دل مان اهو ڏڙڪو ختم ڪري سگهي ٿو يا نه! مگر ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي ته زاهد پنهنجي مڪمل سچائيءَ سان مسلسل لکي رهيو آهي. سندس خيال جڏهن عشق جي وجدان، مان ٻاهر نڪرن ٿا ته هُوائين به سوچي ٿو ته:

ڳايو ٿو ڳايان،
بيٺو جاڳايان- جاني جاڳن ئي نه ٿا-
منزل ڏاڍي ڏور آ،
پر موٽيو ناهيان- جاني جاڳن ئي نه ٿا- (زاهد)

مگر زاهد کي پنهنجي محبوب قوم سان جيڪا محبت آهي. ان جو ڪو مُلهه ئي ناهي. اهو ڏينهن ضرور اچڻو آهي جڏهن مارو جاڳندا ۽ هڪ حسين سوجهرو ”سنڌو ديس“ جي نالي ۾ ظاهر ٿيندو. ان ڏينهن انهن آوازن کي، انهن نغمن کي مانُ ملندو. ان ڏينهن ڌرتيءَ جي هنج ۾ شهيد جوانن جا لاش جرڪڻ لڳندا. هي گُهٽ ۽ ٻوسٽ ان صبحِ- صادق جي نويد آهي، جنهن جي جستجوءَ ۾ زاهد شيخ هي رنڀا روڙيا آهن.

**رحمت پيرزادو**



# پنهنجي پاران

”وايون سنڌوءَ ڄايون“ هي منهنجي شاعريءَ جي مجموعن ۾ وائين جو ٻيو مجموعو آهي جنهنجو پهريون ڇاپو اوهان جي هٿن ۾ آهي، هن کان اڳ منهنجو هڪ ٻيو وائين جو مجموعو ”گهاوَن مٿان گل“ جنهن جا ٻه ڇاپا ڇپجي چُڪا آهن ۽ هاڻي ٻن مهينن کان پوءِ ٽيون ڇاپو به ڇپجڻ وارو آهي مون سنڌي ادب کي وائين جا هي ٻه مجموعه اهڙا ڏنا آهن جن ۾ جڻ ته پنهنجو سڄو اندر اوتي ڇڏيو اٿم. مون پنهنجي شاعريءَ ۾ ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ وايون ۽ غزل وڌيڪ لکيا آهن پر مان اڳ ۾ به اِهو عرض ڪري چڪو آهيان ته منهنجي ڪيل ٽوٽل شاعريءَ جو نوي پرسينٽ حصو 1975ع کان وٺي 1992ع تائين شاگرديءَ واري زماني جو لکيل آهي گُذريل چوويهن سالن ۾ صرف ڏهه پرسينٽ شاعري ڪئي اٿم جيڪا ٽوٽل ملائي ٻارنهن ڪتاب ٿيا آهن جيڪي هينئر واري واري سان ڇپرائي رهيو آهيان شاعريءَ ۾ منهنجي محبت جو مرڪز زياده تر سنڌ ڌرتي ۽ سنڌي قوم رهي آهي اِن ڪري هي ڪتاب به پنهنجن قومي جذبن جو مجموعو سمجهي ڇپرائي اوهان تائين پهچايو اٿم. هاڻي مُنهنجا سائين هن ڪتاب کي روح سان ويهي پڙهو ۽ پنهنجي اصلاحي راءِ ڏيو ته جيئن مان اوهان جي اصلاحي راءِ کي نظر ۾ رکي پنهنجي شاعريءَ کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهان.

اوهان جو پنهنجو

زاهد شيخ
ڪراچي سنڌ

Cell # 0336_3500030

# وايون سنڌو ۽ ڇايون

بيت سمورا سنڌ جي ساگر جا موتي،
وايون سنڌوءَ ڇايون آهن
بيوس هر ڪنهن پيڙ لئہ۔ مُنهنجا هَٿ پوتي،
وايون سنڌوءَ ڇايون آهن
ساهُ وڪوڙيُم سِنڌُ سان – جيئن ٿُنهنجي چوٽي،
وايون سنڌوءَ ڇايون آهن
جنهن جنهن ساهَ سَٽا جَبُر – تنهن تنهن جنگ جوٽي،
وايون سنڌوءَ ڇايون آهن
زاهدَ وڏن ٿيون وکون – وينديون ڪيئن موٽي،
وايون سنڌوءَ ڇايون آهن
وايون سنڌوءَ ڇايون آهن



سنڌ پومي آهيان – ڌرتيءَ گولي تان،
مُنهنجو نانءُ نہ ميٽجو۔
ٻَسيو پاپَ پُڪاريان – ويٺي وَرجايان،
مُنهنجو نانءُ نہ ميٽجو۔
اربيليءَ اولاد جي – هَنجَ نہ هارايان،
مُنهنجو نانءُ نہ ميٽجو۔
پاپين هٿان پاڙ کي – بيٺي بَچايان،
مُنهنجو نانءُ نہ ميٽجو۔
وارث اٿم واهِرو – نِڌَڙڪي ناهيان،
مُنهنجو نانءُ نہ ميٽجو۔
مُنهنجو نانءُ نہ ميٽجو۔

تو جي هيل ڪيا – ڌرتيءَ سان دوکا،
داغ نہ لَهندئي ڌوپ سان۔
تو وارا ڪرتوت ها – ڪوجها ڪالهوڪا،
داغ نہ لَهندئي ڌوپ سان۔
تنهنجا ڪم تاريخ جي _ ليکي ۾ لکبا،
داغ نہ لَهندئي ڌوپ سان۔
ونيءَ ٻنيءَ لاءِ اَڄُ _ جي نہ ڪنئي جوکا،
داغ نہ لَهندئي ڌوپ سان۔
بار تہ ڪٽبا قوم جا _اوڪا ڪي سوڪا،
داغ نہ لَهندئي ڌوپ سان۔
سڏَ ذ  سٽندين سنڌ لئي _ جي تون زاهد جا،
داغ نہ لَهندئي ڌوپ سان۔
داغ نہ لَهندئي ڌوپ سان۔



ڪٽو هَٽُ متان _ ڌرتيءَ جي سِرَ تان،
ڪو آواز اچي پيو۔
سنڌو مُنهنجي سيس ۾ _ ساهُ بہ آ توسان،
ڪو آواز اچي پيو۔
پاڻيءَ ڍُڪ جي لئہ پرين – ٿر جي گهر مان،
ڪو آواز اچي پيو۔
ويٺا ڪنهنجي آسري۔ آهيو ورهين کان،
ڪو آواز اچي پيو۔
زاهد جي هر گيت ۾ _ آهي آس اڃان،
ڪو آواز اچي پيو۔
ڪو آواز اچي پيو۔

ڪو تہ ڪيو ڪڙڪو – باهہ جيان پڙڪو،
آهيو ڪنهنجي آسري –
تتل ڌرتيءَ تي اجان – ٿڌ ۾ ٿا ٿڙڪو،
آهيو ڪنهنجي آسري –
گولي سُٽندي ڪا نہ آ۔ ڌمڪي يا دڙڪو،
آهيو ڪنهنجي آسري –
ڳنا هيل ڦهارتي – ڪات جيان ڪڙڪو،
آهيو ڪنهنجي آسري –
زاهد پنهنجي دل منجهان – دور ڪيو ڏڙڪو،
آهيو ڪنهنجي آسري –
آهيو ڪنهنجي آسري –



نيٺ تہ ساري لوڪ تان – ويندا لُڙ لهي،
پنهنجو ماڳُ متان ڇڏين۔
جُهورُ ٿئين يا جيءَ ۾ – ويتل هُجئي وهي،
پنهنجو ماڳُ متان ڇڏين۔
سيني متان سِنڌُ لئہ – وجبا سُورَ سهي،
پنهنجو ماڳُ متان ڇڏين۔
رِڻ ۾ ٿيندي روشني – پوندي راهہ ٺهي،
پنهنجو ماڳُ متان ڇڏين۔
زاهد من جي آس ڪان – ڪو پل ڏور رهي،
پنهنجو ماڳُ متان ڇڏين۔
پنهنجو ماڳُ متان ڇڏين۔

ايندي مهل اُها۔ باهه ڪندي پَڙڪا،
مُڙسئو پاڻُ ملهائجو۔
وڪريل آهن واٽ ۾ ـ ڪندا ۽ ڪوڪا،
مُڙسئو پاڻُ ملهائجو۔
دودا ڏرتيءَ دانهن تي – ڪجو ڪي ڪڙڪا،
مُڙسئو پاڻُ ملهائجو۔
گجي پئجو گوڙ جان – متان ٿيو موڳا،
مُڙسئو پاڻُ ملهائجو۔
زاهد ڏُکيءَ ويل جي۔ ڪل نه آهي ڪا،
مُڙسئو پاڻُ ملهائجو۔
مُڙسئو پاڻُ ملهائجو۔



هي جي هٿ اُيا – قاتل تي ڪڙڪيا،
روڄ نه رهندو راڄَ ۾۔
ميڙاڪا ميدان ۾ ـ ويڙهِينِ لاءِ وِيا،
روڄ نه رهندو راڄَ ۾۔
ٿر ۾ بُک جي باهِ آ – پر جي مينهن پَيا،
روڄ نه رهندو راڄَ ۾۔
جنهن پل پِٽَ جي پونءِ جا – ڪوسا پَٽَ ٿَريا،
روڄ نه رهندو راڄَ ۾۔
ساڻ ڪٽي سُرهاڻ ڪي۔ ڏينهن اِجهو آيا،
روڄ نه رهندو راڄَ ۾۔
زاهد جنهن پل جاڳندا – جيجل جا جوڏا،
روڄ نه رهندو راڄَ ۾۔
روڄ نه رهندو راڄَ ۾۔

سوچي وڏيون سرتيون — وڙهنديون ويرين ساڻ،
بختاور جون پينرون۔
هاجان پَسي هيترا۔ ماٺ رهن ڇاڪاڻ،
بختاور جون پينرون۔
گهونگهٽ پائي، گهرن ۾۔ رهڻيون ناهن هاڻ،
بختاور جون پينرون۔
هڪ نہ هُئي ڪا مارُئي — ماڳ سڄو مهراڻ،
بختاور جون پينرون۔
زاهد پينر ظُلم سان۔ جوٽينديون جنگاڻ،
بختاور جون پينرون۔
بختاور جون پينرون۔



وستيءَ وستيءَ واس — چاڻ تہ پُني آسَ،
باقي ٿوري رات الا_
سِنڌوءَ ڪي آ سِرَن جي — سانگين باسي باسَ،
باقي ٿوري رات الا_
رهڻا ناهن راڄ ۾ _ هيڏا روز حِراسَ،
باقي ٿوري رات الا_
ماريو مِرون ٿا پَٽِن — ماروئڙن جا ماسَ،
باقي ٿوري رات الا_
زاهد نيث تہ روڪبا — راهُن ۾ راڪاسَ
باقي ٿوري رات الا_
باقي ٿوري رات الا_

روليِ ، ڪڪِرئون رات – سُرندو ايندو سِجُ،
رِڙهندي ايندي روشني۔
سيوا لاءِ سَڏي پيو ٻَنيءَ پوکيل ٻجُ،
رِڙهندي ايندي روشني۔
ٿر ۾ ڏِسي ٿرٿلو – ٿَڪلُ مورُ نه ٿِجُ،
رِڙهندي ايندي روشني۔
ٻاڪر پائي ٻوڻءِ کي – سِرَ تي وِجُ سهِجُ،
رِڙهندي ايندي روشني۔
هينئڙا پَئُه نه هارجي۔ جيئڙا يارَ نه جِهجُ،
رِڙهندي ايندي روشني۔
مُرڪون ڏي مهراڻ کي۔ زاهد لُڙڪَ نه ڏِجُ،
رِڙهندي ايندي روشني۔
رِڙهندي ايندي روشني۔



سور وِکن کي سورِ – چورِ چَپَن کي چورِ،
مَهل نه آهي ماٺ جي۔
اٿئي جيڪي اورڻيون – ايندي ويندي اورِ،
مَهل نه آهي ماٺ جي۔
منزل تائين مينڌرا – ڏُکيو سُکيو ڏورِ،
مَهل نه آهي ماٺ جي۔
جُهوني جهُور سَماجَ کي۔ ٻيهي ٻَجي ٻورِ،
مَهل نه آهي ماٺ جي۔
زاهد گهڙي قيمتي – گُهرئي سِرُ ته گهورِ،
مَهل نه آهي ماٺ جي۔
مَهل نه آهي ماٺ جي۔

سُورَ وٺي سوغات – روئن شاديءَ رات،
ناريون نيڻ نہ ٿيون ڪٽن۔
نياڻيءَ نماڻيءَ جي – مُهر لڳائي وات،
ناريون نيڻ نہ ٿيون ڪٽن۔
پل پل پنهنجي پيار جي۔ تن ۾ سانڊي تات،
ناريون نيڻ نہ ٿيون ڪٽن۔
رسَمُن جي زندان، ۾۔ سَهن پيون سڪرات،
ناريون نيڻ نہ ٿيون ڪٽن۔
زاهد گڏجي ظُلم ڪان۔ وٺنديون نيٺ نجات،
ناريون نيڻ نہ ٿيون ڪٽن۔
ناريون نيڻ نہ ٿيون ڪٽن۔



وارو ڙي وارو۔ واهُر ڪا تہ ڪيو،
مُنهنجي ماروئڙن جي سار لهو۔
اُجڙي ويڙها وِيا سيئي۔ ڪنهن وٽ ڪُجهہ نہ بَچيو،
مُنهنجي ماروئڙن جي سار لهو۔
ڏُکندڙ زخمن جي مٿان۔ مرهم ڪا تہ رَکو،
مُنهنجي ماروئڙن جي سار لهو۔
مانيءَ لئہ مجبورُ آ۔ وِکَ وِکَ بُکَ وڏيو،
مُنهنجي ماروئڙن جي سار لهو۔
زاهد جي هر دانهن ۾۔ دَردُ آ ڏرتيءَ جو،
مُنهنجي ماروئڙن جي سار لهو۔
مُنهنجي ماروئڙن جي سار لهو۔

جنگيون ۾ جهيڙا – ماڻهن جا ميڙا،
آهن ڪيڏا اوپرا۔
ڪوهيڙي ۾ ڪيترا – چوراٽا چهرا،
آهن ڪيڏا اوپرا۔
ڏائڻ رات ڏئي پئي – روحن کي رهڙا،
آهن ڪيڏا اوپرا۔
پنهنجا غيرن سان مِلي – ٿيا غيرن جهڙا،
آهن ڪيڏا اوپرا۔
زاهد هر ڪنهن وک ٿي۔ ورديءَ جا پَهِرا
آهن ڪيڏا اوپرا۔
آهن ڪيڏا اوپرا۔



تڙپن ٿيون ديدون۔ اَڄُ ٿُنهنجي در تان
ڪنهنجو اوسيئڙو اٿئي۔
ساڙين ويٺي سونهن کي۔ آڙَهَ منجهه اَچان،
ڪنهنجو اوسيئڙو اٿئي۔
جوڀَن چڙهي جندڙي – جَهليئي جنهن تنهن کان،
ڪنهنجو اوسيئڙو اٿئي۔
گوري اوندهه گُگهَه ۾۔ نڪتي آن گهر مان،
ڪنهنجو اوسيئڙو اٿئي۔
ٿُنهنجيءَ دل ۾ ڪير آ۔ ٻيو ڪو آيا مان،
ڪنهنجو اوسيئڙو اٿئي۔
ويهي اَندَرُ اوڙِ تون۔ پنهنجي زاهد سان،
ڪنهنجو اوسيئڙو اٿئي۔
ڪنهنجو اوسيئڙو اٿئي۔

مَن ۾ ٿي مهڪي – ٻَڪَ ۾ ٿي ٻهڪي،
چاهتَ چَمڪي ٿي پرين۔
دل ڪنهن تات تنوار ۾ – تن ۾ ٿي تڙپي،
چاهتَ چَمڪي ٿي پرين۔
سُورَجَ ڪارڻ رات جو – ساههُ پيو سَهڪي،
چاهتَ چَمڪي ٿي پرين۔
ٺڏو ٿئي ئي ڪونہ ٿو – رَتُ پَيو ٽَهڪي،
چاهتَ چَمڪي ٿي پرين۔
زاهد جنهن جنهن جيءَ ۾ – باهہ پئي ڀَڙڪي،
چاهتَ چَمڪي ٿي پرين۔
چاهتَ چَمڪي ٿي پرين۔



جيءَ جيءَ ڏِسي جهيرَ – تَڙپي ٿي تَحريرَ،
ڏرتي تنهنجا درد هزارين۔
ويلي، ويلي، ٿا پيئون – اُجَ ۾ اَڪَ جا ڪِيرَ،
ڏرتي تنهنجا درد هزارين۔
جِسمَن کي جهوري ڇُڪا – زهريلا زَنجيرَ،
ڏرتي تنهنجا درد هزارين۔
ڪراچيءَ کان ٿيون پُڇَن – پينر وِچڙَيل وِيرَ،
ڏرتي تنهنجا درد هزارين۔
زاهد هَر ڪنهن پارَ جي – هُلَ ڪَري ٿي هِيرَ،
ڏرتي تنهنجا درد هزارين۔
ڏرتي تنهنجا درد هزارين۔

ڪونهي ڪو آواز، شايد آ ڪو راز،
سِنڌ اَجان آ سانت ۾.
مُرڪون ماٺُهن کان ڇني، ڀَڙڪو ڏَئي وِيو باز،
سِنڌ اَجان آ سانت ۾.
مارائيندو موت کان – هي موڳو انداز،
سِنڌ اَجان آ سانت ۾.
جُهومي جيءَ اُٿي ڀَوَن، سوڪو چيڙيون ساز
سِنڌ اَجان آ سانت ۾.
آزادي گُهرندي نه آ، زاهدَ ڪو ايلاز،
سِنڌ اَجان آ سانت ۾.
سِنڌ اَجان آ سانت ۾.



ڳايو ٿو ڳايان – بيٺو جاڳايان،
جاني جاڳن ئي نٿا.
رِڻَ جي ڪاريءَ راتِ ۾، ويٺو واڏايان،
جاني جاڳن ئي نٿا.
ديوارُن جي ماٿِ سان، ڪيسين ڳالهيان،
جاني جاڳن ئي نٿا.
منزل ڏاڍي ڏور آ، پر موٽيو ناهيان،
جاني جاڳن ئي نٿا.
پاڻ روئي ٿو پاڻ کي، زاهد پرچايان،
جاني جاڳن ئي نٿا.
جاني جاڳن ئي نٿا.

لُڙڪن جي برسات۔ ورهين جيڏي رات،
سارا نيڻ سُمهي پيا۔
هيل ٻه پنهنجي حال کان۔ ڏاڍي ڏُور نجاتِ،
سارا نيڻ سُمهي پيا۔
لاهِڻُ گهُرجي لوڪَ جي۔ ساهن تان سَڪرات،
سارا نيڻ سُمهي پيا۔
جَڳ ۾ جاڳي ٿي اَجان۔ ڏاتِ ڏَٺيءَ جي ڏات،
سارا نيڻ سُمهي پيا۔
زاهدَ جوڙِي ذِهنَ ۾۔ خوابن جي مَحلات،
سارا نيڻ سُمهي پيا۔
سارا نيڻ سُمهي پيا۔



در در تي ٿاڻو۔ گهٽيءَ گهٽيءَ گهاڻو
قوم اسانجي قيد ۾۔
روزُ نيون هِتِ رهزنيون۔ راڄُ آ رئيساڻو
قوم اسانجي قيد ۾۔
ٿي وِيو ساههَ سُڪونَ جو۔ لوڪان لاڏاڻو
قوم اسانجي قيد ۾۔
سِنڌُ نه ڏيندو سورمو۔ ڳڀرو ڳوٺاڻو
قوم اسانجي قيد ۾۔
زاهدَ نينهنُ نپائبو۔ ڪونه کَپي ناڻو
قوم اسانجي قيد ۾۔
قوم اسانجي قيد ۾۔

ٺَڪَلَ سوچُن جي۔ سُتل قومن جي،
اڃان ننڊَ ڦِٽي نہ آ۔
ڇِپرا جاڳن ٿا مگر – جڳ ۾ جوڌن جي،
اڃان ننڊَ ڦِٽي نہ آ۔
شهر شهر ۾ شور آ۔ پوءِ بہ ڳوٺن جي،
اڃان ننڊَ ڦِٽي نہ آ۔
جاڏي تاڏي جاڳَ آ۔ سِنڌي ماڻهن جي،
اڃان ننڊَ ڦِٽي نہ آ۔
سنڌ جَنين جي آسري۔ اهڙن جذبن جي،
اڃان ننڊَ ڦِٽي نہ آ۔
جاڳيا پوءِ تہ جُهومندا۔ زاهد مَستن جي،
اڃان ننڊَ ڦِٽي نہ آ۔
اڃان ننڊَ ڦِٽي نہ آ۔



واٽن تان ويندي – سِجَ کي سڏيندي،
ٻاريَم ڏيئا ٻاٽَ ۾۔
ڪاري قاتِل راتِ کي۔ ڏَڳ مان ڏِڪيندي،
ٻاريَم ڏيئا ٻاٽَ ۾۔
ڪونجن جهڙيون ڳَٺُ کي۔ سوچون سونپيندي،
ٻاريَم ڏيئا ٻاٽَ ۾۔
مقتل مَنجهِہ وُجودَ جا۔ ٽُڪرا ميڙيندي،
ٻاريَم ڏيئا ٻاٽَ ۾۔
آٽتِ ڏِنَم آس کي۔ زاهدَ سوچيندي،
ٻاريَم ڏيئا ٻاٽَ ۾۔
ٻاريَم ڏيئا ٻاٽَ ۾۔

مايا جا ڪُل ميرَ ـ ڊوندِ لڳن ٿا ڍيرَ،
مُنهنجي رِيت پِريتِ آ ـ
روح گهُري ٿو روشني ـ آهن هت اَنڌيرَ،
مُنهنجي رِيت پِريتِ آ ـ
آزارڻ انسان کي ـ هِنَ جڳ جي آ هيرَ،
مُنهنجي رِيت پِريتِ آ ـ
پريمَ نگر جي، پار جا – پانڌيئڙا ٿم پيرَ،
مُنهنجي رِيت پِريتِ آ ـ
زاهد ڳايُم سُونهنَ کي ـ سانجهيءَ توڙي سويرَ،
مُنهنجي رِيت پِريتِ آ ـ
مُنهنجي رِيت پِريتِ آ ـ



آڙهـَ مان گُذريو ـ ڀَهر ڀَهر ڀَڄريو
جيون جهُلڪو واءُ جو ـ
مون سمجهو ڪو ساڻ آ ـ پنهنجو هو پاڇو
جيون جهُلڪو واءُ جو ـ
مونکي لُڙڪَ ڏئي ڪوئي ـ مُرڪي وِڇڙي وِيو
جيون جهُلڪو واءُ جو ـ
نيڻن مان نِڪري ويو ـ سپنو جوڀَن جو
جيون جهُلڪو واءُ جو ـ
پويون پَل هر شام جو ـ روڪڻ سان نہ رهيو
جيون جهُلڪو واءُ جو ـ
زاهدُ موت مَهل بہ هو ـ ٿُنهنجي لئہ تڙپيو
جيون جهُلڪو واءُ جو ـ
جيون جهُلڪو واءُ جو ـ

اَهڙو ڏينهن اَچي، ڪورَٽِ شال ڳَتي،
پاپي هَٿَ پوليس جا۔
رهزن ڏين روز ٿا، رهڙا روحن کي،
پاپي هَٿَ پوليس جا۔
داغ هزارين خون جا، آهن وَردين تي،
پاپي هَٿَ پوليس جا۔
هرڪو هيٺو آهتي، ڪوبہ نہ ٿو روڪي،
پاپي هَٿَ پوليس جا۔
زاهدَ ڪيئن ايندو اَمُن، جَڳَ ۾ رهندا جي،
پاپي هَٿَ پوليس جا۔
پاپي هَٿَ پوليس جا۔



آهن ڪوڙ پوليس ۾، ماڻهو مٽيان دار،
پاپي سڀ پوليس ۾ ناهن۔
اي ڊي خواجہ ڪي ڏسي، چوٽو پوندو يار،
پاپي سڀ پوليس ۾ ناهن۔
ٻُڌي نانءُ ثناءُاللهِ ٻَجن ٿا پوتار،
پاپي سڀ پوليس ۾ ناهن۔
ڪوتيم ڪوئلي ڪاڻ ڪي، هيرا لڌم هزار،
پاپي سڀ پوليس ۾ ناهن۔
ڪيئي ورديءَ ۾ ڏٺم، ڌرتيءَ جا دلدار،
پاپي سڀ پوليس ۾ ناهن۔
روز پڙهن ٿا روح سان، زاهد جا اشعار،
پاپي سڀ پوليس ۾ ناهن۔
پاپي سڀ پوليس ۾ ناهن۔

ڏور گهٽو گهر گهاٽ- پَرِ ۾ ڦاسي گهاٽ،
هيل ٻہ عيد آ جيل ۾-
آيل رهجاڻ آس ۾- تون نہ ڏجاڻ وَرلاپ،
هيل ٻہ عيد آ جيل ۾-
هيڏان هَٿَ ڪڙيون هَٿين- هوڏانهن ٿهري ڪاٺ،
هيل ٻہ عيد آ جيل ۾-
من مانجهي پهچي پون- ڪوليءَ هٽن ڪاٺ،
هيل ٻہ عيد آ جيل ۾-
لوڏي ڏوڏي لاهبو- پنهنجي مٿان پاپ،
هيل ٻہ عيد آ جيل ۾-
زاهد زيرِ نہ ٿيو ڪڏهن- ڳورو پنهنجو ڳاٽ،
هيل ٻہ عيد آ جيل ۾-
هيل ٻہ عيد آ جيل ۾-



قاتل وحشي بي رحمَ- ڪوڙا مُرشد پير،
سچا سيد روح جا رهبر-
دُشمن آهن ديس جا- ڌاريا داداگير،
سچا سيد روح جا رهبر-
هر ظالم کي سنڌ ۾- سِڌي ڏبي سير،
سچا سيد روح جا رهبر-
تن سان جنگيون جوٽبيون- جن جن ڏِنا جهير،
سچا سيد روح جا رهبر-
جا برتن کي ٿا چئون- جڪڙيا جن زنجير،
سچا سيد روح جا رهبر-
زاهد ماڪيءَ ڪان مِٺا- مون لئہ ڪنڊون ڪير،
سچا سيد روح جا رهبر-
سچا سيد روح جا رهبر-

ڪوٺَ ڪڏهن ڪِرندا ـ سوچين ٿا وينا،
قيدي سينٽرل جيل ۾ ـ
ٻي ڏوهي باندي بَڻيا ـ جيون جالن ٿا،
قيدي سينٽرل جيل ۾ ـ
جهيرِيَل جيءَ جلاد ڪي ـ للڪارين بيٺا،
قيدي سينٽرل جيل ۾ ـ
سُوريءَ ڪي چُمندي چڙهيا ـ جُوان جبل جيڏا،
قيدي سينٽرل جيل ۾ ـ
جهيڻا مُور نہ ٿي سگهيا ـ جَذبا زاهد جا،
قيدي سينٽرل جيل ۾ ـ
قيدي سينٽرل جيل ۾ ـ



پنهنجي لئہ گهاريان ـ ٻَڌتيُن ۾ ٻاريان،
ڪهڙي چئبي زندگي ـ
هڪڙي ماڻهوءَ لاءِ مان ـ ڳوڙها جي ڳاڙيان
ڪهڙي چئبي زندگي ـ
دل ۾ ويٺل ديس جو ـ ساهہُ نہ سينگاريان،
ڪهڙي چئبي زندگي ـ
تنها پنهنجي پاڻ ڪي ـ بَرَ ۾ بيهاريان،
ڪهڙي چئبي زندگي ـ
زاهدَ ظالم جي مٿان ـ مَچُ نہ ڪو ٻاريان،
ڪهڙي چئبي زندگي ـ
ڪهڙي چئبي زندگي ـ

سو مَهٽيءَ ڏاري۔ ٻاٽ ڏيئو ٻاري،
آءُ تہ سوچيون سِنڌُ لئہ۔
ڪوي پنهنجيءَ ڳٽُ ۾۔ رَتُ ڦُڙا هاري،
آءُ تہ سوچيون سِنڌُ لئہ۔
اَندَر جي انسان ڪي۔ آڏو ويهاري،
آءُ تہ سوچيون سِنڌُ لئہ۔
اوسيئڙن جي آس ٿي۔ آئيندو ساري،
آءُ تہ سوچيون سِنڌُ لئہ۔
آزاديءَ جي آگِ تي۔ اَندَرُ اوٻاري،
آءُ تہ سوچيون سِنڌُ لئہ۔
آءُ تہ سوچيون سِنڌُ لئہ۔



جيسين مان آهيان۔ ٿُنهنجوئي آهيان،
مُنهنجي ڌرتي مِنٿڙي ماتا۔
هار گُلابن جا ڪٽي۔ توکي پارايان،
مُنهنجي ڌرتي مِنٿڙي ماتا۔
ٿُنهنجي جهوليءَ ۾ رهي۔ جيئڻ ٿو چاهيان،
مُنهنجي ڌرتي مِنٿڙي ماتا۔
سُورَن جي هيٺان سُتل۔ جيءَ ٿو جاڳايان،
مُنهنجي ڌرتي مِنٿڙي ماتا۔
زاهد مِٿي ديس جي۔ مَرهَم ٿو پايان،
مُنهنجي ڌرتي مِنٿڙي ماتا۔
مُنهنجي ڌرتي مِنٿڙي ماتا۔

مان سَچيءَ دل سان- ڪوري ڪَندُ ڏيان،
درد وڇن جي ديس مان-
پنهنجي حصي جون خوشيون- پاٽيءَ ۾ ٻوڙيان،
درد وڇن جي ديس مان-
سِندُڙي تُنهنجي سُک لئہ- سوچيندو آهيان،
درد وڇن جي ديس مان-
جيجل تُنهنجيءَ جِندُ لئہ- جيل پلي جاليان،
درد وڇن جي ديس مان-
زاهدَ ماريءَ جي هٿان- مُرڪي زهر پيئان،
درد وڇن جي ديس مان-
درد وڇن جي ديس مان-



رِڙهَنديءَ رَتُ مٿان- اَڄُ ٻ سنڌوءَ تان،
لُڇندي سِڄُ لَهِي وَيو-
ڪيڏيون ڪُسندن جون ويون- ڪوهن تي ڪوڪان،
لُڇندي سِڄُ لَهِي وَيو-
ٻوڙو لوڪُ ٻُڌي نٿو- ڳالهہ ڪجي ڪنهن سان،
لُڇندي سِڄُ لَهِي وَيو-
رهجي ويا سين روئندا- پين، پنو ۾ مان،
لُڇندي سِڄُ لَهِي وَيو-
دَردَ سوال ڪندا رهيا- زاهدَ جي دل ڪان،
لُڇندي سِڄُ لَهِي وَيو-
لُڇندي سِڄُ لَهِي وَيو-

ويندا ڏُک ويندا- ايندا سُک ايندا،
سُڏڪين ڇو ٿو ساھڙا-
روح تہ سيئي راحتون- آھن چاھيندا،
سُڏڪين ڇو ٿو ساھڙا-
ٿَڪلَ پير ڪٿي ھلي- ٿانيڪا ٿيندا
سُڏڪين ڇو ٿو ساھڙا-
پرچڻ چاھيندا پرين- دير نہ لائيندا،
سُڏڪين ڇو ٿو ساھڙا-
ڪي پَل زاھد پرھہ جو- گھونگھٽ لاھيندا،
سُڏڪين ڇو ٿو ساھڙا-
سُڏڪين ڇو ٿو ساھڙا-



ھار نہ دل دلدار- مُرڪ مُسافرَ يارَ
جھورِ نہ پنھنجو جيئڙو-
سُلجھائي سينگار تون- وڪريل اٽيا وارَ
جھورِ نہ پنھنجو جيئڙو-
جڳ سان اھڙو جيءُ جَڙ- وڻ سان جيئن ڪي ڏارَ
جھورِ نہ پنھنجو جيئڙو-
سُھڻا گھُرئي سِنڌُ ٿي- جوين وارا جارَ
جھورِ نہ پنھنجو جيئڙو-
ساڙيندا ساٽيھہ ڪي- ڳيرو ٽُنھنجا ڳارَ
جھورِ نہ پنھنجو جيئڙو-
زاھد جيون جا سيئي- پوڳي وجبا بارَ
جھورِ نہ پنھنجو جيئڙو-
جھورِ نہ پنھنجو جيئڙو-

پنهنجا ڏسي ميل ـ هُلي ويون هيلَ،
ڳالهيون هر ڪنهن ڳوٺ ۾ ـ
ماروئڙن جي ماڳ تي ـ وردين جا هي ويلَ،
ڳالهيون هر ڪنهن ڳوٺ ۾ ـ
ٻاڳين هوندي ٻونءِ جي ـ هيءَ ڇو هيڏي ٻيلَ،
ڳالهيون هر ڪنهن ڳوٺ ۾ ـ
جهاڳي وڃبا جيت لئه ـ جبل توڙي جيلَ،
ڳالهيون هر ڪنهن ڳوٺ ۾ ـ
ڪٿي اَڄُ ڪُٺائيون ـ ڪوٺن جا هي ڪيلَ،
ڳالهيون هر ڪنهن ڳوٺ ۾ ـ
زاهد باغن ۾ ٽڙيا ـ مُڪڙين مان رابيل،
ڳالهيون هر ڪنهن ڳوٺ ۾ ـ
ڳالهيون هر ڪنهن ڳوٺ ۾ ـ



تاريخون ٿيندا ـ ڏيک پيا ڏيندا،
مُڙس نه مَرندا موت ڪان ـ
سي ماڻيندا سوڀ ڪي ـ جيڪي سوچيندا،
مُڙس نه مَرندا موت ڪان ـ
روشن هٿڙا راتِ جي ـ مَرُ ڪي ميٽيندا،
مُڙس نه مَرندا موت ڪان ـ
سورَجُ بڻجي لوڪ لئه ـ اُڀري پيا ايندا،
مُڙس نه مَرندا موت ڪان ـ
ورندا پاند وَٺي پرين ـ ويرَ جيان ويندا،
مُڙس نه مَرندا موت ڪان ـ
جيڪي زاهدَ جَبُر سان ـ جنگيون جوٽيندا،
مُڙس نه مَرندا موت ڪان ـ
مُڙس نه مَرندا موت ڪان ـ

سياڻا سوچيندا ـ ڪندا ڪُجهہ ڪندا،
ڏاها پنهنجي ڏيهہ جا ـ
سوچون سَچَ ۾ سونهن جون ـ سڀ ڏي سوريندا،
ڏاها پنهنجي ڏيهہ جا ـ
اُس ۾ جڳ جي آس تي ـ ڇانوَن ڇَپَرُ ٿيندا،
ڏاها پنهنجي ڏيهہ جا ـ
رِڻ مان ڪي راهون ڪڍي ـ آڏو آڻيندا،
ڏاها پنهنجي ڏيهہ جا ـ
زاهدَ هيڻي حال جو ـ ڏَسُ تہ ڪو ڏيندا،
ڏاها پنهنجي ڏيهہ جا ـ
ڏاها پنهنجي ڏيهہ جا ـ



جو دَمُ جيءُ جيئي ـ سو دَمُ ڪَمُ ڪري،
مُنهنجي ڏاهپَ ڏيهہ لئہ ـ
سوچُن ۾ ساڻيهہَ جي ـ آس ڪڻي اُپري،
مُنهنجي ڏاهپَ ڏيهہ لئہ ـ
انڌيريءَ اُماسَ ۾ ـ ٻَرڻيءَ جيئن ٻَري،
مُنهنجي ڏاهپَ ڏيهہ لئہ ـ
مران پنهنجي ماڳ لئہ ـ موڳي ٿي نہ مَري،
مُنهنجي ڏاهپَ ڏيهہ لئہ ـ
زاهدَ تورِڙي زندگي ـ گهاوَن ۾ گُذري،
مُنهنجي ڏاهپَ ڏيهہ لئہ ـ
مُنهنجي ڏاهپَ ڏيهہ لئہ ـ

ڪوڙن جَذبن سان۔ انڌن لفظن سان،
ڪوجهيون ڳالهيون ٿا ڪريو۔
مٿيءَ تي هر مُند پئي۔ ڳاڙي رَتُ اَچان،
ڪوجهيون ڳالهيون ٿا ڪريو۔
ڏرتي وئي آ پورجي۔ دردن جي هيٺان،
ڪوجهيون ڳالهيون ٿا ڪريو۔
حال پُڇو ئي ڪونہ ٿا۔ زخمي ڀوميءَ ڪان،
ڪوجهيون ڳالهيون ٿا ڪريو۔
شعلہ ڀڙڪائي اُٿو۔ جوڀن جوڀن مان،
ڪوجهيون ڳالهيون ٿا ڪريو۔
تيڏو زاهد ٿو لڪان۔ جيڏو ٿو تڙپان،
ڪوجهيون ڳالهيون ٿا ڪريو۔
ڪوجهيون ڳالهيون ٿا ڪريو۔



مان ڪيئن پيئان ڪيرُ۔ مُنهنجو ٿر ٻرِيرُ،
آيل اُجَ مَري ويو۔
ڪوهر تان خالي وريو۔ دڳ ۾ هو ديلگيرُ،
آيل اُجَ مَري ويو۔
ٿَجُ بنا سُڏڪا ڀَري، جهوليءَ منجهہ صَغيرُ،
آيل اُجَ مَري ويو۔
آزاديءَ جي آس ۾۔ ڪوليءَ بَندِ اَسيرُ،
آيل اُجَ مَري ويو۔
زاهدَ سَڙندو ئي رهيو۔ سُورَن مَنجِهہ سَريرُ،
آيل اُجَ مَري ويو۔
آيل اُجَ مَري ويو۔

پل پل جيون جو۔ جهوري وِچڙي وِيو
آس نہ اُجڙي آ اَجان۔
نٿهڻ اُس جي ڏينهن ۾۔ تڙپي نينهُن پَيو
آس نہ اُجڙي آ اَجان۔
مَقتل مَنجِهہ بہ ڪاتَ ڪي۔ ڏاهيءَ ڏاتِ ڇيو
آس نہ اُجڙي آ اَجان۔
ڳيري جي ڇهري مَنجهان۔ سُورَجُ اُڀري ٿو
آس نہ اُجڙي آ اَجان۔
زاهدَ دل سان ديس لئہ۔ ڪم ڪري وڃبو
آس نہ اُجڙي آ اَجان۔
آس نہ اُجڙي آ اَجان۔



پاڻَ ڏِسُ پاڻَ ڪي۔ ماتِ ڏي آڻَ ڪي،
پوءِ ڪا ڳالهہ ڪر۔
پنهنجي ٺوڪر هٽي۔ سونَ جي ڪاڻ ڪي،
پوءِ ڪا ڳالهہ ڪر۔
پيار ۾ ڏي پرين۔ مانُ مهراڻَ ڪي،
پوءِ ڪا ڳالهہ ڪر۔
ٻاٽ ۾ پاڻَ ٻَرُ۔ چور چانڊاڻ ڪي،
پوءِ ڪا ڳالهہ ڪر۔
گندَ ڪَچرا ٿَپي۔ ماڻِ سُرهاڻ ڪي،
پوءِ ڪا ڳالهہ ڪر۔
مِيٺِ زاهدَ اَوَل – اڪين آلاڻ ڪي،
پوءِ ڪا ڳالهہ ڪر۔
پوءِ ڪا ڳالهہ ڪر۔

جيڪر سمجهين تون- سَچي شاعر جون،
ديدون دڳَ ڏَسينديون آهن-
سوچون پنهنجي سوڀَ لئہ- راهون ناهن ٿيون،
ديدون دڳَ ڏَسينديون آهن-
گيتن جون گهرائيون- جيڪر چاڻين تون،
ديدون دڳَ ڏَسينديون آهن-
راتِ روئاريا ڪيترا- ماتِ نہ آئي مون،
ديدون دڳَ ڏَسينديون آهن-
زاهدَخوابَن جي پُٺيان- آهن تعبيرون،
ديدون دڳَ ڏَسينديون آهن-
ديدون دڳَ ڏَسينديون آهن-



هن ڌرتيءَ تي چو- بيوس ماڻهن جو
بي ڏوهہ خون وهي پيو-
ڇا پنهنجي هن ديس جو- وارث ڪونهي ڪو
بي ڏوهہ خون وهي پيو-
ڏَڏُ ڪپي تو ڏيهہ ڪي- چو تا ڏَنيَ ڏِيو؟
بي ڏوهہ خون وهي پيو-
اي دُنيا جا منصفو- جاڳو ڪُجهہ تہ ڪيو
بي ڏوهہ خون وهي پيو-
هر قاتل جي قهر ڪي- راهُن ۾ روڪيو
بي ڏوهہ خون وهي پيو-
هر ڪنهن دل جي دانهن آ- زاهدَ جو جذبو
بي ڏوهہ خون وهي پيو-
بي ڏوهہ خون وهي پيو-

بي ڏوهي ماريو ويو- پينر مُنهنجو وَرُ،
خودڪش حملي ۾ الا-
روز ٿو وِهنجي رَتُ سان- ڪنهنجو ڪو دلبر،
خودڪش حملي ۾ الا-
اَڄُ وري اُجڙي ويو- ڪنهنجو سارو گهَرُ،
خودڪش حملي ۾ الا-
هاءِ ڪراچيءَ جو شهر- ٻڏجي وِيو آ ٻَرُ،
خودڪش حملي ۾ الا-
زاهد تڙپي سِندُ ٿي- سُڏڪي ٿو ساگر،
خودڪش حملي ۾ الا-
خودڪش حملي ۾ الا-



ڪار هلائيندي وئي، نِڪتي بَنگلي مان،
ڊي ايڇ اي جي ڇوڪري-
هڪ ڇوي ٿيان مارُئي- ٻي ڇئي سَسُئي ٿيان،
ڊي ايڇ اي جي ڇوڪري-
چاهي ٿي هوءَ چِلوِلي- آنءُ رُڳو چَمڪان،
ڊي ايڇ اي جي ڇوڪري-
سا ڪيئن گڏجي ويهندي- ڇيڙن واريءَ سان،
ڊي ايڇ اي جي ڇوڪري-
واقف ويچاري نہ آ- سچيءَ چاهت ڪان،
ڊي ايڇ اي جي ڇوڪري-
زاهد هرڪا ٿي چوي، حُورَ تہ آهيان مان،
ڊي ايڇ اي جي ڇوڪري-
ڊي ايڇ اي جي ڇوڪري-

ڏاهپ جو وِڪرو۔ جنهن جنهن جِتِ ڪيو
سو نہ اسانجي ساٿَ ما۔
پنهنجي سِرَ جي سُکَ لئہ۔ جابر وٽ جهُڪيو
سو نہ اسانجي ساٿَ ما۔
قوم ڪُهائي هٿ سان۔ ٿهڪ ڏئي جيڪو
سو نہ اسانجي ساٿَ ما۔
دل سان زخمي ديس جي۔ مرهم جو نہ ٿيو
سو نہ اسانجي ساٿَ ما۔
ٻاهر ٿو ٻَهڪي پيو۔ اندر جو ڪوٽو
سو نہ اسانجي ساٿَ ما۔
جيڪو ماڻهو وائڙو۔ وڦلي ٿو ويٺو
سو نہ اسانجي ساٿَ ما۔
سو نہ اسانجي ساٿَ ما۔



قصا ماضيءَ جا ڪيئي۔ ڪوڪاري بيٺي،
مَڪلي ماٿِ نٿي ڪري۔
دولهہ دريا خان جا۔ سَڏَ ساري بيٺي،
مَڪلي ماٿِ نٿي ڪري۔
اَڄُ ٻہ هر ارغون کي۔ للڪاري بيٺي،
مَڪلي ماٿِ نٿي ڪري۔
هر قومي غدار کي۔ ٿوڪاري بيٺي،
مَڪلي ماٿِ نٿي ڪري۔
زاهد وايون سِنڌُ جون۔ گونجاري بيٺي،
مَڪلي ماٿِ نٿي ڪري۔
مَڪلي ماٿِ نٿي ڪري۔

### سنڌ جي ٻن محبوب شاعرن
## تاجل بيوس ۽ شمشير الحيدريءَ
### کي ڀيٽا

چُمندي رَهجاڻ چوکنڊي، هَٿڙا سوڀارا،
تاجل ۽ شمشير جا.
ساريو سُڏڪن ٿا پيا، ساٿيئڙا سارا،
تاجل ۽ شمشير جا.
سَدا رهندا سِنڌُ ۾، چاهت جا چارا،
تاجل ۽ شمشير جا.
سانڍي رَکبا ساهه ۾، گيت غزل پيارا،
تاجل ۽ شمشير جا.
سوچون ۽ ويچار سڀ،زاهد سگهارا،
تاجل ۽ شمشير جا.
تاجل ۽ شمشير جا.



سِجُ ٻه اُڀري روز ٿو پنهنجي ڌرتيءَ تي،
پوءِ ٻه ساڳي رات آ.
هر چانڊوڪيءَ رات ۾، چنڊُ ٻه ٿو چمڪي،
پوءِ ٻه ساڳي رات آ.
ڪنهنکي رات وَٽي نٿي، پر هر ڪنهن پاسي،
پوءِ ٻه ساڳي رات آ.
روز پُڪاريم روشني، ٽُنهنجن رَستن کي،
پوءِ ٻه ساڳي رات آ.
زاهدَ ڪيڏي جاڳ آ، اَڄُ جاڏي تاڏي،
پوءِ ٻه ساڳي رات آ.
پوءِ ٻه ساڳي رات آ.

گيت پلي پيا ڳائجن- پر ڪُجھ ٻيو ٻہ ڪجي،
جنهن سان ٻار جَهڪو ٿئي-
ٿڪل هر انسان جي- من ڪي آس ڏجي،
جنهن سان ٻار جَهڪو ٿئي-
جڳ جي سچي پيار ڪي- ٻانهن ۾ ٻڪجي،
جنهن سان ٻار جَهڪو ٿئي-
پنهنجي هر ڪنهن پل ڪي- چاهت سان چُمجي،
جنهن سان ٻار جَهڪو ٿئي-
زاهدَ اَندرَ سان ويهي- اَندَر ڪي سَلجي،
جنهن سان ٻار جَهڪو ٿئي-
جنهن سان ٻار جَهڪو ٿئي-



نِجو نانگَ زهر- ايڏو پوءِ ٻہ اثر،
موکي ٿُنهنجي مَڏُ ۾-
ڪاٿئون هٿ ڪيو اٿئي- مئہ جو هي منتر،
موکي ٿُنهنجي مَڏُ ۾-
موج متارن لاءِ آ- تنهنجي گهر جو در،
موکي ٿُنهنجي مَڏُ ۾-
هرڪا شام شراب سان،- جهومي ٿو جهنگ جهر،
موکي ٿُنهنجي مَڏُ ۾-
ڪيئن سمايو ٿئي اهو - سُرڪيءَ ۾ ساگر،
موکي ٿُنهنجي مَڏُ ۾-
زاهد گهارڻ ٿو گهُري- هرڪو پَلُ پهر،
موکي ٿُنهنجي مَڏُ ۾-
موکي ٿُنهنجي مَڏُ ۾-

هر پل ۾ هر ڪو۔ آئيني آڏو
پاڻ ڏِسي ٿو پاڻ کي۔
ساڻ سدائين ٿورهي۔ پنهنجوئي پاڇو
پاڻ ڏِسي ٿو پاڻ کي۔
پاڻ ئي ماڻهو پاڻ کي۔ سمجهائي ويٺو
پاڻ ڏِسي ٿو پاڻ کي۔
من جي گهرائيءَ سان۔ لکن ۾ ڪو ڪو
پاڻ ڏِسي ٿو پاڻ کي۔
سوئي ماڻي سوڀَ ٿو۔ هن جڳ ۾ جيڪو
پاڻ ڏِسي ٿو پاڻ کي۔
زاهدُ تنهن پل ٿو لکي۔ جنهن پل تڙپي ٿو
پاڻ ڏِسي ٿو پاڻ کي۔
پاڻ ڏِسي ٿو پاڻ کي۔



جنهن پل ڪسجي ٿي وجي۔ ماڻهوءَ ڪان مَرضي،
ماڻهو تنهن پل ٿو مَري۔
اَندَر ڪائي ٿي جڏهن۔ ڪوٺي خود غرضي،
ماڻهو تنهن پل ٿو مَري۔
لِڪجي ڪنهن اڻ ڄاڻ کي۔ عاجز ٿي عرضي،
ماڻهو تنهن پل ٿو مَري۔
ايندي آهي فرض ۾ ۔ جنهن پل بي فرضي،
ماڻهو تنهن پل ٿو مَري۔
شال نہ زاهدَ ڪو ٿئي۔ ڪنهن آڏو قرضي،
ماڻهو تنهن پل ٿو مَري۔
ماڻهو تنهن پل ٿو مَري۔

جوڀن ٿيندُئي جهور۔ ايڏو هَٺُ غرور،
چوٽي ڪرين چوڪري۔
پاڻ لڪائي پاڻ ڪان — نينهن نجو ناسور،
چوٽي ڪرين چوڪري۔
راحت جي بخشين نٿي۔ چاهت چڪناچور،
چوٽي ڪرين چوڪري۔
مُنهنجو مَنُ مجبور آ۔ مونکي نامنظور،
چوٽي ڪرين چوڪري۔
ديدُن جا دڙڪا ڏئي۔ دل ڪان ايڏو دور،
چوٽي ڪرين چوڪري۔
ڪنهن زاهدَ مسڪين سان۔ ڏاڍايون پرپور،
چوٽي ڪرين چوڪري۔
چوٽي ڪرين چوڪري۔



جنهن سان هر انسان جي۔ پوي دل ٿري،
اي دل اَهڙي ڳالهه ڪر۔
ماڻهو موتيئڙا جيئن۔ وحشي وڄن مَري،
اي دل اَهڙي ڳالهه ڪر۔
وسن ٿڌا مينهڙا۔ ٿانڀا وڄن ٿري،
اي دل اَهڙي ڳالهه ڪر۔
سورن جي هر سمنڊ مان۔ اڇي سَچُ تري،
اي دل اَهڙي ڳالهه ڪر۔
زاهد نيٺ ته ڏاريو۔ پوندو ڏاڍُ ڏَري،
اي دل اَهڙي ڳالهه ڪر۔
اي دل اَهڙي ڳالهه ڪر۔

سو سو ايندُئي سامهون۔ جو جو ڪندين جيئَن،
سوچي وِڪَ وڌائجانءِ۔
اياڻا لائين پيو۔ نانگن سان تون نينهن،
سوچي وِڪَ وڌائجانءِ۔
ڏِسڻا پوندئي ڏيھہ ۾۔ ڏاڍا ڏُکيا ڏينهن،
سوچي وِڪَ وڌائجانءِ۔
هيڏو حال متان ڪرين۔ اڙجي ويندين ايئَن،
سوچي وِڪَ وڌائجانءِ۔
قاتل ڪان هن قوم کي۔ آجو ڪندين ڪيئن،
سوچي وِڪَ وڌائجانءِ۔
زاهدَ سِنڌُ سَڙي پئي۔ نيٺ تہ وسندا مينهنَ،
سوچي وِڪَ وڌائجانءِ۔
سوچي وِڪَ وڌائجانءِ۔



هڪڙي پل ۾ شهنشاھہ۔ ٻي پل منجهہ گدا،
پَلَ جي ڳالَ نٿي پوي۔
ڪيڏا جوڙيون ٿا اسان۔ رستا سوچُن جا،
پَلَ جي ڳالَ نٿي پوي۔
جيئڙا جهوريو ٿا ڇَڏِن۔ جيون جا جهٽڪا،
پَلَ جي ڳالَ نٿي پوي۔
ڪو پَلُ آهي بَدِ دُعا۔ ڪو پَلُ آهي دُعا،
پَلَ جي ڳالَ نٿي پوي۔
زاهدَ ٿهڪن جي پُنيان۔ بينا ٿئي سُڏڪا،
پَلَ جي ڳالَ نٿي پوي۔
پَلَ جي ڳالَ نٿي پوي۔

شهر ڪراچيءَ مان۔ چئني پاسن کان،
آهون دانهون ٿيون اچن۔
جيڪي سارا گهر جَليا۔ الا روز اُتان،
آهون دانهون ٿيون اچن۔
ڪومَل دل ڪَڙهي پئي۔ ڪيئن نہ مان تڙپان،
آهون دانهون ٿيون اچن۔
جنهن سان جَڳُ جاڳي پوي۔ اهڙو سَڏُ ٿيان،
آهون دانهون ٿيون اچن۔
آءُ تہ اتڪئون ديس لئہ۔ دهشتگردن سان،
آهون دانهون ٿيون اچن۔
مونکي ماٺ سونهي نٿي۔ زاهد ڪُجهہ ڪيان،
آهون دانهون ٿيون اچن۔
آهون دانهون ٿيون اچن۔



زِندَهہ ڏِسجي ٿو مگر۔ سو مُرده آهي،
جو ماڻهو جاڳي نٿو۔
جو پنهنجو بہ نہ ٿي سگهيو۔ سو ڪنهنجو ناهي،
جو ماڻهو جاڳي نٿو۔
ڪيڏا پهر ڪمال جا۔ وينو وڃائي،
جو ماڻهو جاڳي نٿو۔
آهي گُل گُلاب جو۔ ويندو مُرجهائي،
جو ماڻهو جاڳي نٿو۔
موڳو بڻجي پاڻ کي۔ بيٺو مارائي،
جو ماڻهو جاڳي نٿو۔
زاهدَ سنڌي قوم کي۔ آخر ٿيو ڇاهي،
جو ماڻهو جاڳي نٿو۔
جو ماڻهو جاڳي نٿو۔

وَحشين جي هر وِڪَ تي۔ دهشتگردي آ،
روز ڪراچي شهر ۾۔
بي رَحميءَ جو راڄُ آ۔ ۽ بي دردي آ،
روز ڪراچي شهر ۾۔
ڏَڪٽي آ هر ساهه ۾۔ ايڏي سَردي آ،
روز ڪراچي شهر ۾۔
مَردَن مَنجهِ وَڏي وئي۔ ڪا بي مَردي آ،
روز ڪراچي شهر ۾۔
زاهد قاتل ٿي پئي۔ ڪاري وردي آ،
روز ڪراچي شهر ۾۔
روز ڪراچي شهر ۾۔



واهُرَ سان گڏُ وارِثي۔ ڪنداسِندُ ڏٽي،
پنهنجي هر ڪنهن شهر جي۔
ساري دُنيا سونُ پر۔ مونکي سونهن وَٽي،
پنهنجي هر ڪنهن شهر جي۔
سَچن ماڻهُن سان مِلي۔ مون آ سَگهه ڳٽي،
پنهنجي هر ڪنهن شهر جي۔
تيڏي منزل ماٽبي۔ جيڏي جاڳَ گهٽي،
پنهنجي هر ڪنهن شهر جي۔
زاهد سُهٽي سوچ آ۔ هلبي ساڻ ڪٽي،
پنهنجي هر ڪنهن شهر جي۔
پنهنجي هر ڪنهن شهر جي۔

قبضي لاءِ وڏن پَيا، سِنڌُ سموريءَ ڏي،
قاتل سنڌي قوم جا.
داداگيريون ٿا ڪرن، هر گهر جي دَرَ تي،
قاتل سنڌي قوم جا.
موڳو سَمجهن ٿا مِٺا، توکي ۽ مونکي،
قاتل سنڌي قوم جا.
آءُ اُتي ڪڙڪي پئون، جاڳن ٿا جاتي،
قاتل سنڌي قوم جا.
جن جي آڏو سَمنڊُ آ، سي ويندا ڪاڏي،
قاتل سنڌي قوم جا.
زاهدَ سِنڌُ پئي تڙپندي، سِنڌُ ۾ رهندا جي،
قاتل سنڌي قوم جا.
قاتل سنڌي قوم جا.



مونکي پنهنجيءَ سِنڌُ جي، مِٽي آ پياري،
مونکي جنت مور نہ گهُرجي.
مون لئہ ساهہ سُڪون آ، هيءَ ٿَر جي واري،
مونکي جنت مور نہ گهُرجي.
مُنهنجي جنت سِنڌُ آ، ڌرتي ٻي ڏاري،
مونکي جنت مور نہ گهُرجي.
دل سان مون آ سِنڌُ جي، ڌرتي سينگاري،
مونکي جنت مور نہ گهُرجي.
زاهدَ مون هيءَ زندگي، جيتي يا هاري،
مونکي جنت مور نہ گهُرجي.
مونکي جنت مور نہ گهُرجي.

جھڙي تھڙي حال ۾۔ جيئڻ ٿو چاھيان،
جيون ڏاڍو پيارو آھي۔
سَگھہَ ڏيان ٿو ساھہ کي۔ ھانءُ نٿو ھاريان،
جيون ڏاڍو پيارو آھي۔
جيون جي لئہ ھَر خوشي۔ آڻيو ٿو آڻيان،
جيون ڏاڍو پيارو آھي۔
جيون مُنھنجو آھي مان۔ جيون جو آھيان،
جيون ڏاڍو پيارو آھي۔
زاھدَ گيت پريت جا۔ ڳايو ٿو ڳايان،
جيون ڏاڍو پيارو آھي۔
جيون ڏاڍو پيارو آھي۔



جوڙيو گھر مزدور ھو۔ رَتُ جي پورھئي سان،
لُڙھي وِيو سيلاب ۾۔
مان روئندو رَھجي وَيُس۔ مُنھنجو ديس اَمان،
لُڙھي وِيو سيلاب ۾۔
ھَر ماڻھو مسڪين ھو۔ جيڪو جھوپڙ مان،
لُڙھي وِيو سيلاب ۾۔
بيوس ڪونہ بچي سگھيو۔ سورن صدمن ڪان،
لُڙھي وِيو سيلاب ۾۔
زاھدَ ٻالڪُ جو ٻہ ھو۔ ڪِريو ٻيڙيءَ تان،
لُڙھي وِيو سيلاب ۾۔
لُڙھي وِيو سيلاب ۾۔

عشق ۾ آتيون ٿيون اچن- شهر ڪراچيءَ ڏي،
چوليون سِنڌي سَمنڊ جون-
ساهُ ڏين ٿيون سِنڌ جي- سچن ماڻهن تي،
چوليون سِنڌي سَمنڊ جون-
چُمڻ چاهن ٿيون پرين- سِنڌُ سموريءَ کي،
چوليون سِنڌي سَمنڊ جون-
رِندن کي ٿيون رات جا- پيگ ڏين اوتي،
چوليون سِنڌي سَمنڊ جون-
زاهدَ جهومي جيءُ ٿو- روز ڏِسي ٿو جي،
چوليون سِنڌي سَمنڊ جون-
چوليون سِنڌي سَمنڊ جون-



ٻينر شهر ٻنيور ۾- کهڙو گَنڌُ ڪٽان،
ڪانڌ بنا مان ڪوجهي آهيان-
پونديس پُنهل جي پُٺيان- روز ڪنديس ريهان-
ڪانڌ بنا مان ڪوجهي آهيان-
پيرا پُنهونءَ جا پٽي- چُمندي ويندس مان،
ڪانڌ بنا مان ڪوجهي آهيان-
هو ٿَن ريءَ مان هيڪلي- جيئنديس ڪيئن جيجان،
ڪانڌ بنا مان ڪوجهي آهيان-
زاهدَ راحت روحَ جي- مِلندي چاهت سان،
ڪانڌ بنا مان ڪوجهي آهيان-
ڪانڌ بنا مان ڪوجهي آهيان-

جڳ ۾ شال مِلي۔ هر ڪنهن ميهرَ ڪي،
سُهڻيءَ جَهڙي ڪا سَڪي۔
ڪوبہ نہ روحُ رُڪو رَهي۔ سيني ساڻ هُجي،
سُهڻيءَ جَهڙي ڪا سَڪي۔
چاهت ناهي سوچبي۔ ڪرڻي آ تہ ڪجي،
سُهڻيءَ جَهڙي ڪا سَڪي۔
جيون خالي جام آ۔ اَمرَت ڪو اوتي،
سُهڻيءَ جَهڙي ڪا سَڪي۔
سَچو پيار ڪري، تہ پوءِ۔ پيارَ تي سِرُ ٿي ڏي،
سُهڻيءَ جَهڙي ڪا سَڪي۔
زاهدَ ڪا اَهڙي اَچي۔ جنهن سان روح رَچي،
سُهڻيءَ جَهڙي ڪا سَڪي۔
سُهڻيءَ جَهڙي ڪا سَڪي۔



مَري ويندي مارُئي۔ آڻ نہ مڃيندي،
قيدياڻي ڳَڏُ قيد مان۔
ويس اَباڻي پارَ جو۔ مُور نہ مَٽيندي،
قيدياڻي ڳَڏُ قيد مان۔
پِيرُن سان جيڪا پَلي، طعام نہ طلبيندي،
قيدياڻي ڳَڏُ قيد مان۔
ڪلندي پنهنجي ڪيت سان۔ نہ تہ پئي روئيندي،
قيدياڻي ڳَڏُ قيد مان۔
زاهد ڏاڏاڻن سَندو۔ ڳَنڍ نہ ڪيريندي،
قيدياڻي ڳَڏُ قيد مان۔
قيدياڻي ڳَڏُ قيد مان۔

ڪيڏي سُهڻي سِنڌ آ۔ سائين هل تہ ڏِسَئون،
روهڙيءَ واريءَ پُل تان۔
ستين جي آستان جون۔ تاريخي تجليون،
روهڙيءَ واريءَ پُل تان۔
پوڄا پريت ڪري اچئون۔ ساڌو ٻيلي مئون،
روهڙيءَ واريءَ پُل تان۔
سکر بينو ٿو ڏئي۔ جَهلڪيون جَنت جُون،
روهڙيءَ واريءَ پُل تان۔
زاهدَ مونکي سِنڌُ جون۔ موهِن ٿِيون مُرڪون،
روهڙيءَ واريءَ پُل تان۔
روهڙيءَ واريءَ پُل تان۔



سِنڌُ ڪي جنهن جي ناٺون سان۔ جَڳُ سُڃاڻي ٿو
سو هڪ شاهہ لطيف آ۔
ڪئو تاجي معراج ڪي – مُرڪي ماڻي ٿو
سو هڪ شاهہ لطيف آ۔
بخشي ٿو هر جيءَ ڪي۔ جيئڻ جو جذبو
سو هڪ شاهہ لطيف آ۔
جنهن سان ٿيو سنڌي ادب۔ آهي جَبلَ جيڏو
سو هڪ شاهہ لطيف آ۔
جنهن جي هر ڪنهن لفظ ۾۔سِنڌُ جو آ نقشو
سو هڪ شاهہ لطيف آ۔
مجموعي ميناڻ ڪان۔ زاهدَ آهي مِٺو
سو هڪ شاهہ لطيف آ۔
سو هڪ شاهہ لطيف آ۔

غيرَ تہ آهن غيرَ پَرَ۔ مُونسان مُشڪِل ۾،
تون بہ تہ ساٿ نٿو ڏئين۔
مان توکي ڳايان پَيو۔ هَر ڪنهن محفل ۾،
تون بہ تہ ساٿ نٿو ڏئين۔
ورهين ڪان وينو بہ آن۔ مُنهنجي ئي دل ۾،
تون بہ تہ ساٿ نٿو ڏئين۔
جنهن ۾ جَڳَ جو آجپو۔ اَهڙي اينگل ۾،
تون بہ تہ ساٿ نٿو ڏئين۔
زاهد جي منزل بہ آ۔ تُنهنجي منزل ۾،
تون بہ تہ ساٿ نٿو ڏئين۔
تون بہ تہ ساٿ نٿو ڏئين۔



هڪ ٻئي ڪان وِڇڙي۔ اَندَرَ وِيا اُجڙي،
ڪيڏا تنها ٿي وِيا آهيون۔
ياد اَچي ٿي ڳوٺ جي۔ رَستي جي ”اُپڙي“،
ڪيڏا تنها ٿي وِيا آهيون۔
رَسمُن ڪئي آ رَهزني۔ اي مُنهنجي مِٽڙي،
ڪيڏا تنها ٿي وِيا آهيون۔
ڳچن ڏاڍن سان لڳل۔ تاڪن جان اُڌڙي،
ڪيڏا تنها ٿي وِيا آهيون۔
جِسمَ لَٽي، جُهوني جِيان۔ ٿِيا اِڳڙي اِڳڙي،
ڪيڏا تنها ٿي وِيا آهيون۔
ڪيڏا تنها ٿي وِيا آهيون۔

---

نوٽ: ”اُپڙي“ خيرپور ڪان سکر ويندي نيشنل هاءِ وي تي مُنهنجي ڳوٺ جي اسٽاپ جو نالو آهي.

ساري جڳ ۾ سونهن جي- ماپ ڪجي ڪهڙي،
حُسن حَدُن ڪان آجو آهي-
رنگن سان ڀرپور آ- هيءَ ساري ڌرتي،
حُسن حَدُن ڪان آجو آهي-
هَر مَنَ ۾ مَحبوبُ آ- هَر جيءُ آ جوڳي،
حُسن حَدُن ڪان آجو آهي-
عشق جو اَنتُ نہ آهي ڪو- عشق آ من موجي،
حُسن حَدُن ڪان آجو آهي-
زاهِدُ سَجِدَن مَنجِهہ آ- شاهد آ تَسبي،
حُسن حَدُن ڪان آجو آهي-
حُسن حَدُن ڪان آجو آهي-



نٺيڀڙ جا سَنگتي سيئي- ۽ سنگتين جا پيارَ
زاهدَ ڪيئن وِساربا-
نينهن نڀائڻ جا هُيا- پڪا پڪڙا اقرار
زاهدَ ڪيئن وِساربا-
سي ننڍڙيون ناراضگيون- اُفين جا اِظهارَ
زاهدَ ڪيئن وِساربا-
اَڄُ بہ دِل گهُري پئي- ساڳيا ئي دلدارَ
زاهدَ ڪيئن وِساربا-
ماڪيءَ جهڙيون دوستيون- مکڻ جهڙا يار-
زاهدَ ڪيئن وِساربا-
زاهدَ ڪيئن وِساربا-

هر ڪنهن سِنڌيءَ ياءُ ڪي۔ هڪڙي چُمي ڏَئي،
سِنڌُ جي پارَتَ ڪرڻي آهي۔
هَر سِنڌياڻيءَ پيڻ ڪي۔ سِرَ تي هَٿُ رَکي،
سِنڌُ جي پارَتَ ڪرڻي آهي۔
هَر ڪنهن پوڙهي پيءُ جي۔ پيرَن مَنجهہِ پَئي،
سِنڌُ جي پارَتَ ڪرڻي آهي۔
ٻجُ نئين ڪنهن سِجَ لئہ۔ ٻارن ڪي سَمجهي،
سِنڌُ جي پارَتَ ڪرڻي آهي۔
هَر قومي اڳواڻ ڪي۔ پنهنجا هَٿَ ٻَڌي،
سِنڌُ جي پارَتَ ڪرڻي آهي۔
ديس جي دردن سان پريل۔ زاهد گيت لکي،
سِنڌُ جي پارَتَ ڪرڻي آهي۔
سِنڌُ جي پارَتَ ڪرڻي آهي۔



واهہ جو هر ڪنهن روح ۾۔ رنگ رچي ويندو
راڳين ساڻ رِهاڻ آ۔
ميلو ٿيو آ مَچَ تي۔ مَچُ مَچي ويندو
راڳين ساڻ رِهاڻ آ۔
حُسن هِتي موجُود آ۔ عشق اچي ويندو
راڳين ساڻ رِهاڻ آ۔
جو ٻہ اکين پاسي اڙيو۔ ڪونہ ٻچي ويندو
راڳين ساڻ رِهاڻ آ۔
زاهدَ جو ناهي نچيو۔ سو ٻہ نچي ويندو
راڳين ساڻ رِهاڻ آ۔
راڳين ساڻ رِهاڻ آ۔

سَلجَڻ کان پوءِ راز کو، راز نہ رَهندو آ،
راز کي رَکجو راز ۾.
هو جو سُک وَٺي پَيو، سُورَ بہ سَهندو آ،
راز کي رَکجو راز ۾.
اُپَ تي روز اُڏامجي، چاهہُ تہ چوندو آ،
راز کي رَکجو راز ۾.
پنهنجو ساٿُ بہ سِجُ آ. چَڙهندو لهندو آ،
راز کي رَکجو راز ۾.
زاهد جيڪو ٿو ٻهي، سو ئي ٿهندو آ،
راز کي رَکجو راز ۾.
راز کي رَکجو راز ۾.



شال نہ ائين ٿئي، هرڪو پاڻ چَوي،
غيرت ڪونهي حيرت ڇاجي.
ڪيڏو ذهن ضمير ٿو، واٽُن ۾ وِڪجي،
غيرت ڪونهي حيرت ڇاجي.
ساڳيو ڪارو ڪانءُ ٿو، هر مَنَ ۾ ڏِسجي،
غيرت ڪونهي حيرت ڇاجي.
پنهنجي عزت آبرو، ڪوڪو ٿو سَمجهي،
غيرت ڪونهي حيرت ڇاجي.
غيرت بس هڪ لفظ آ. روز پَيو ٻُڌجي،
غيرت ڪونهي حيرت ڇاجي.
غيرت ڪونهي حيرت ڇاجي.

ڪونهي ڪو ساڳيو- ڳوٺ سچو مُنهنجو
ڪيڏو مَٽجي آ ويو-
مَنَ ۾ جو سانڍيو هُيم- ماضيءَ جو نقشو
ڪيڏو مَٽجي آ ويو-
ويندو هو اسڪول ڏي-جيڪو سو رستو
ڪيڏو مَٽجي آ ويو-
سئوٽُ پَري جي ڳالهہ آ- ياءُ سَڳو پنهنجو
ڪيڏو مَٽجي آ ويو-
زاهدَ دِل ساڳي اَٿم- توڙي بُت سَچو
ڪيڏو مَٽجي آ ويو-
ڪيڏو مَٽجي آ ويو-



رَتُ جا رشتا روحَ سان- پنهنجا ٿي نہ سگهيا-
پنهنجا ايئن بہ هوندا آهن-
پنهنجا پنهنجن جا پيا- ڊاهن پاڙ اَجها،
پنهنجا ايئن بہ هوندا آهن-
غيرن کان وِيا ڪيڏجي- ڇڙ ها تاسَ جا پَتا،
پنهنجا ايئن بہ هوندا آهن-
ڏاڍا سُهڻا سيبتا- ڪيڏا ڳَنَ ڪچا،
پنهنجا ايئن بہ هوندا آهن-
نيٺ پڇاڙي ٿي وئي- ساٿي موُرُ نہ ٿيا،
پنهنجا ايئن بہ هوندا آهن-
ماٺهو ٿا مون کان پُڇن- پائو زاهد ڇا؟
پنهنجا ايئن بہ هوندا آهن-
پنهنجا ايئن بہ هوندا آهن-

ماڻهو ماڻهوءَ جي – ڪيسي ۾ آهي،
ڪمپيوٽر جو دئور آ۔
پُٽ پَيو ٺو پيءُ کي۔ سي ڏي سمجهائي،
ڪمپيوٽر جو دئور آ۔
موبائل ٺو منٽ ۾۔ مائي ڦاسائي،
ڪمپيوٽر جو دئور آ۔
ماما مُلان آ ويو۔ بازي هارائي،
ڪمپيوٽر جو دئور آ۔
هر پاسي هر قوم ٺي۔ اِنگلش ڳالهائي،
ڪمپيوٽر جو دئور آ۔
زاهِدُ شيخُ اَجان پيو سنڌيءَ ۾ ڳائي،
ڪمپيوٽر جو دئور آ۔
ڪمپيوٽر جو دئور آ۔



توڙي پنهنجو ڪا گهڙي۔ مُور نٿي سَمجهين،
پوءِ بہ مونکي پياري آهين۔
روز پَيو پرچيون لکان۔ پاڻ نٿي پرچين،
پوءِ بہ مونکي پياري آهين۔
مون کان سُکَ وَٺي سَوين۔ ڏُک پئي ٿي ڏين،
پوءِ بہ مونکي پياري آهين۔
تُنهنجي پوڄا ٿو ڪريان۔ تون تہ نٿي چاهين،
پوءِ بہ مونکي پياري آهين۔
پنهنجي زاهدَ کي ڇَڳو۔ چاهي تون نہ چوين،
پوءِ بہ مونکي پياري آهين۔
پوءِ بہ مونکي پياري آهين۔

جنهن ماڻهوءَ ۾ ماڻهپو۔ مُور نٿو ڏِسجي،
وَحشي آ اِنسان تہ ناهي۔
جو آدم جي رَتُ جو۔ پياسو ٿي ٿو پئي،
وَحشي آ اِنسان تہ ناهي۔
بي ڏوهہُ ڪنهن مسڪين تي۔ جيڪو وار ڪري،
وَحشي آ اِنسان تہ ناهي۔
دهشت بَمَ بارودَ ڪي۔ سَڀ ڪُجهہ ٿو سمجهي،
وَحشي آ اِنسان تہ ناهي۔
زاهدَ جيڪو بي رَحم۔ قاتل ٿو بڻجي،
وَحشي آ اِنسان تہ ناهي۔
وَحشي آ اِنسان تہ ناهي۔



جيئڻ جي لئہ ٿو مِلي۔ روز نئون جذبو
جيون جي هر موڙ تي۔
هر ماڻهوءَ جي چاهہ جو۔ ٿيندو آ چرچو
جيون جي هر موڙ تي۔
چهرو آ انسان جي۔ اَندرَ جو نقشو
جيون جي هر موڙ تي۔
پيار ڏئي، ٿو پيارَ ڪي۔ پيارَ جو گُلدستو
جيون جي هر موڙ تي۔
هر پاسي موجود آ۔ منزل جو رَستو
جيون جي هر موڙ تي۔
زاهد سَچَ ۾ سونهن ڪي۔ مُنهنجو آ سجدو
جيون جي هر موڙ تي۔
جيون جي هر موڙ تي۔

ڏاڍي سُهڻي آ۔ هر مَنَ موهڻي آ،
حُورن جهڙي ڇوڪري۔
هر چانڊوڪيءَ رات ۾۔ آ دل جي آشا،
حُورن جهڙي ڇوڪري۔
ڪنهن ڪنهن جي تہ نصيب ۾ ۔ هوندي آهي ڪا،
حُورن جهڙي ڇوڪري۔
ڪِلڻي مِلڻي ڪيچلي۔ جيءُ جيئاري جا،
حُورن جهڙي ڇوڪري۔
زاهدَ سان هر حال ۾۔ ساڻ رَهي ٿي سا،
حُورن جهڙي ڇوڪري۔
حُورن جهڙي ڇوڪري۔



سمنڊ سوير جي۔ يار مَڇيرن جي،
آهي اَنوکي زندگي۔
بيهڪ آ هالار جان۔ مُڙس مٿيرن جي،
آهي اَنوکي زندگي۔
دل ۾ ويهجي ٿا وڃن۔ دل جي شيرن جي ،
آهي اَنوکي زندگي۔
جهاڳن سارو جَڳُ ٿا۔ اَهِڙَن پيرَن جي،
آهي اَنوکي زندگي۔
سِنبُل آهن اَمنَ جو۔ زاهدَ ڳيرَن جي،
آهي اَنوکي زندگي۔
آهي اَنوکي زندگي۔

وڏيرن ٿاهيا، مينهن جا واڙا،
ڳوٺاڻي اسڪول ۾.
ڪونهي ڪوبہ ڪلاس ۾، ڪُتا پيئونڪن ٿا،
ڳوٺاڻي اسڪول ۾.
ويزا ٿي اُستاد ويا، ٻارَ ڪٿان پڙهندا،
ڳوٺاڻي اسڪول ۾.
روزانو مائين هٿان، چيٽا ٺڦجن ٿا،
ڳوٺاڻي اسڪول ۾.
صاحب ڪي هر ڄاڻ آ، ٿيندو آهي ڇا،
ڳوٺاڻي اسڪول ۾.
ڳوٺاڻي اسڪول ۾.



ڪل پوي ئي ڪانٿي – ڪيڏو تيزيءَ سان،
وقت وڃي ٿو گُذرندو.
ڏينهن پڳهارن لئہ ڳڻيئون، وينا تون ۽ مان.
وقت وڃي ٿو گُذرندو.
سَگهہَ وڃي ٿي موٽندي، سيني جي ڏڙڪان،
وقت وڃي ٿو گُذرندو.
هر ڪو ڇئي ٿو پوئتي، رَهجي ويو آهيان،
وقت وڃي ٿو گُذرندو.
زاهدَ آنءُ ٻہ وقت سان، ڊوڙيو ٿو ڊوڙان،
وقت وڃي ٿو گُذرندو.
وقت وڃي ٿو گُذرندو.

ٻيڙو ٻوڙيندُئي ۔ لاش ٻہ لوڙهيندُئي،
پاپيءَ کان پاسو ڪجانءِ
چَرسَ هيروئن ٻم جا ۔ تحفہ پيو ڏيندُئي،
پاپيءَ کان پاسو ڪجانءِ
پيرن تي ڪِرندُئي مگر ۔ پير ڪڍي ويندُئي،
پاپيءَ کان پاسو ڪجانءِ
ڳالهہ ڪرئي ٿو دِينَ جي ۔ دِينَ لَڄائيندُئي،
پاپيءَ کان پاسو ڪجانءِ
نَسلُ اَٿئي چنگيز جو ۔ موذي ماريندُئي
پاپيءَ کان پاسو ڪجانءِ
پاپيءَ کان پاسو ڪجانءِ



ٻالڪ پڻ جي راند ۾ ۔ جنهنجو جنهن سان ٿيو
ڪيڏو سچو پيار هو ۔
وڏڙا ٿيا ويچا وڏيا ۔ ننڍڙن ٻارن جو
ڪيڏو سچو پيار هو ۔
آءُ تہ ماضيءَ ۾ ڏسئو ۔ هَر پَلَ ۾ پنهنجو
ڪيڏو سچو پيار هو ۔
ڏاڍي راحت ٿي مِلي ۔ ياد ڪيان وينو
ڪيڏو سچو پيار هو ۔
ماٺهن لاءِ مثال آ ۔ زاهدَ سان ٿُنهنجو
ڪيڏو سچو پيار هو ۔
ڪيڏو سچو پيار هو ۔

ساٿ منجهان ڪٿجي۔ ويهندو ڪو ٿڪجي،
هلندو رهندو قافلو۔
پنهنجي پنهنجي مُلهه ۾ ۔ ويندا ڪُجهه وڪجي،
هلندو رهندو قافلو۔
مونجهارن جي مُنجهه ۾۔ موڳا ويا مٿجي،
هلندو رهندو قافلو۔
راڻا پوندا راهه ۾۔ پير گهڻا ڦٿجي،
هلندو رهندو قافلو۔
زاهد شل هر ديس جا – غم وڃن گهٽجي،
هلندو رهندو قافلو۔
هلندو رهندو قافلو۔



ڪير ڪٿي هو ڪيئن۔ جو بہ جتي هو جيئن
ساجن سپ جي من ۾ ساڳيو۔
مون هيئن سمجهو تو هوئن سمجهو۔ هوئن هُجي يا هيئن،
ساجن سپ جي من ۾ ساڳيو۔
جيئن جيئن چوندين جيءُ پرينءَ کي۔ تڙپائيندُئي تيئن،
ساجن سپ جي من ۾ ساڳيو۔
ڪي پَلَ من ۾ ڪاريون راتيون۔ ڪي پَلَ پيارا ڏينهن،
ساجن سپ جي من ۾ ساڳيو۔
زاهد جڳ سان جيئڙو جوڙي۔ آءُ تہ نپايون نينهن
ساجن سپ جي من ۾ ساڳيو۔
ساجن سپ جي من ۾ ساڳيو۔

چاجي تون ۾ مان- هِڪُ ئي هِڪُ آهيان،
تو ۾ مان ۾ مون ۾ تون آن-
هر اندر ۾ ويهي ڪيئي- ٻوليون ٺو ٻوليان،
تو ۾ مان ۾ مون ۾ تون آن-
پاڻ ئي ڏوهي پاڻ ٿوابي- پاڻ ئي قاضي هان،
تو ۾ مان ۾ مون ۾ تون آن-
جنت ۾ اَڏُ جيءُ آ منهنجو- ٻيو اَڏُ دوزخ سان،
تو ۾ مان ۾ مون ۾ تون آن-
پاڻ ئي زاهد پاڻ ۾ ويهي- پاڻ کي چو ڳوليان،
تو ۾ مان ۾ مون ۾ تون آن-
تو ۾ مان ۾ مون ۾ تون آن-



جيڏي ڏرتي آ- درد آهن تيڏا،
غربت جا غم ڪيئن گهٽايون-
پاڻ جيان ڪيئي پرين- سوچن ٿا وينا،
غربت جا غم ڪيئن گهٽايون-
آءُ ڏٺي بڻجي هَلئون- دُکنديءَ هر دل جا،
غربت جا غم ڪيئن گهٽايون-
هر پل هلچل ۾ هُجئون- ويل نہ ويهئون ڪا،
غربت جا غم ڪيئن گهٽايون-
زاهد اَندرَ ۾ رهي- آهي جنگ اِها،
غربت جا غم ڪيئن گهٽايون-
غربت جا غم ڪيئن گهٽايون-

مُند اَچي وئي آ۔ پوکَ پَچي وئي آ،
لابارا لاهي وٺو۔
سِندُ هٿن مان پئي وڃي۔ سُڪَ ٻَڌو سَندرا،
لابارا لاهي وٺو۔
ويڙهه وڌي آ واٽ ۾۔ ڊوليا ٿيو نه ڍَرا،
لابارا لاهي وٺو۔
ڏاٽا تيز تِکا ڪيو۔ ڌرتيءَ جا دودا،
لابارا لاهي وٺو۔
پنهنجا گهر گڏجي هلو۔ غيرن جي گهر جا،
لابارا لاهي وٺو۔
زاهد جيڪا لوچَ ڏي۔ سوچَ اُپاريو سا،
لابارا لاهي وٺو۔
لابارا لاهي وٺو۔



سچا ساٿ ڏين۔ کوٽا ڪين ڪپن،
سچڻ گهرجن سنڌ کي۔
ماڳَ سيئي مهراڻ جا۔ تڙپيو ٿا تڙپن،
سچڻ گهرجن سنڌ کي۔
گهٽو ڪُجهه نٿا ڪرن۔ پلا ڪُجهه ته ڪن،
سچڻ گهرجن سنڌ کي۔
جن کي سِنڌ جي سڌ تي۔ اچٽو آ ته اچن،
سچڻ گهرجن سنڌ کي۔
جاڳائن هر جيءَ کي۔ اهڙا ناچ نچن،
سچڻ گهرجن سنڌ کي۔
جيڏي ڪرٽي جنگ آ۔ تيڏا مَچَ مچن،
سچڻ گهرجن سنڌ کي۔
زاهد جون وايون سيئي۔ گهر گهر ٿيون گونجن،
سچڻ گهرجن سنڌ کي۔
سچڻ گهرجن سنڌ کي۔

هڪڙي آزادي نہ آ، ڪيئي آزاديون،
پيارا گهرجن پاڻ کي.
هر جابر جلاد جون، بيحد بربادين،
پيارا گهرجن پاڻ کي.
جنت کان سُهڻيون سيئي، سنڌوءَ جون واديون،
پيارا گهرجن پاڻ کي.
ٻهراڙيون ٻهڪي پون، شهرن ۾ شاديون،
پيارا گهرجن پاڻ کي.
زاهد درد ڀريون دليون، دردن کان آجون،
پيارا گهرجن پاڻ کي.
پيارا گهرجن پاڻ کي.



رَسمُن روئاريون، بيوس بانديائيون،
آزاديءَ جي آس رکن ٿيون.
هر گهر جي هر جيل ۾ ـ آهن قيدياڻيون
آزاديءَ جي آس رکن ٿيون.
پاراتا وينيون ڏين، راتين کي راڻيون،
آزاديءَ جي آس رکن ٿيون.
ڪين ڪپن ٿا ڪوئلا، سون ڀريون ڪاٺيون،
آزاديءَ جي آس رکن ٿيون.
راڏا جهڙيون سنڌ جون، ڀينر ڀيلياڻيون،
آزاديءَ جي آس رکن ٿيون.
زاهد سنڌي سورميون، ڪيئي ساماڻيون،
آزاديءَ جي آس رکن ٿيون.
آزاديءَ جي آس رکن ٿيون.

---

نوٽ: ”راڏا ڀيل“ ٿر جي هڪ ڳوٺ ۾ قومي انقلابي سوچ رکندڙ هڪ بهادر ناري.

پيارَ پَڙهيا آهيون، قُربَ ڳَڙيا آهيون،
سوچُن ۾ ساڃاهہَ رکئون ٿا.
سور ڪٽي هر ساهہ جا، روز رڙيا آهيون،
سوچُن ۾ ساڃاهہَ رکئون ٿا.
هر پاپيءَ جي پاپ سان، پاڻ لڙيا آهيون،
سوچُن ۾ ساڃاهہَ رکئون ٿا.
هيمون ٿي هر دئور ۾، دارَ چڙهيا آهيون،
سوچُن ۾ ساڃاهہَ رکئون ٿا.
زاهد سچ جي مچ ۾، خُوب سَڙيا آهيون،
سوچُن ۾ ساڃاهہَ رکئون ٿا.
سوچُن ۾ ساڃاهہَ رکئون ٿا.



ميرَ مَدائيءَ جا، مُور نہ ڄاڻئون ٿا،
صاف اندرَ جا صوفي آهيون.
ماڻيٺي آ ماٺ اسانجي، سِڌا ۽ سادا،
صاف اندرَ جا صوفي آهيون.
هر پَلَ ۾ هر پاسي پنهنجا، صورت ڪي سجدا،
صاف اندرَ جا صوفي آهيون.
مسجد مندر ۽ گرجا گهر، جيءَ ۾ جوڙيل آ،
صاف اندرَ جا صوفي آهيون.
زاهد ساڳي پار وڃن ٿا، روحن جا رستا،
صاف اندرَ جا صوفي آهيون.
صاف اندرَ جا صوفي آهيون.

ڏاهينديون ڍهنديون، روئينديون رهنديون،
رستن منجهه رُڪاوٽون.
وڏندا ويندا قافلا، ٽوڙي تنگ ڪنديون،
رستن منجهه رُڪاوٽون.
ديوارون اوچون اُپيون، نيٺ ڪنديون ڪيڏيون،
رستن منجهه رُڪاوٽون.
تيڏيون چاتيون تاٽبيون، جوڙينديون جيڏيون،
رستن منجهه رُڪاوٽون.
زاهد آڏو ايتريون، پاپي ڪر نه پَڪيون،
رستن منجهه رُڪاوٽون.
رستن منجهه رُڪاوٽون.



جي سچا آهيو، رنگ رچيا آهيو
روح کي پنهنجو رهبر سمجهو.
جيڪو اندر منجهه آ، ٻاهر ڪونهي ڪو
روح کي پنهنجو رهبر سمجهو.
جيءَ ۾ جنهنجي جاءِ آ، سائين آهي سو
روح کي پنهنجو رهبر سمجهو.
لِڪو چاجي لاءِ ٿا، ڇو ويٺا ڇِرڪو
روح کي پنهنجو رهبر سمجهو.
زاهد من ۾ سَچَ کي، روز ڪيو سجدو
روح کي پنهنجو رهبر سمجهو.
روح کي پنهنجو رهبر سمجهو.

دل جو درپن آ- من جو ڪو من آ،
جنهنجي ڪارڻ جيءُ جيئي ٿو-
من کي موهي ٿي ڇڏي- اُن جي مست ادا،
جنهنجي ڪارڻ جيءُ جيئي ٿو-
سوئي منهنجا روز ٿو- جهومائي جذبا،
جنهنجي ڪارڻ جيءُ جيئي ٿو-
هو آهي ڇو ڇو نہ ڇئو- هو آهي ڇا ڇا،
جنهنجي ڪارڻ جيءُ جيئي ٿو-
زاهدجي هر درد جي- دلبر آهي دوا،
جنهنجي ڪارڻ جيءُ جيئي ٿو-
جنهنجي ڪارڻ جيءُ جيئي ٿو-



جيءَ ۾ ٿا جهومن- جرڪيو ٿا جرڪن،
روز نرالا رنگ پرينءَ جا-
رنگن سان ٿا راحتون- ڏاڍيون روز ڏين،
روز نرالا رنگ پرينءَ جا-
وچڙي سُڏڪي ٿا پون- ٻڪجي ٿا ٻهڪن،
روز نرالا رنگ پرينءَ جا-
مُنهنجو من رنگريز جي- رنگيو آ رنگن،
روز نرالا رنگ پرينءَ جا-
زاهد هر ڪنهن ساهہ ۾- سوچي ٿو ساجن،
روز نرالا رنگ پرينءَ جا-
روز نرالا رنگ پرينءَ جا-

ڪي ٿا سنوارن قوم ڪي۔ قاتل آهن ڪي،
حاڪم سڀ هڪجهڙا ناهن۔
ڪنهنجو رَتُ آ راڄ لئه۔ ڪو ٿو رَتُ پيئي،
حاڪم سڀ هڪجهڙا ناهن۔
ياڳن وارا ٿا ملن۔ جاڳن وارن ڪي،
حاڪم سڀ هڪجهڙا ناهن۔
هر ڪو پنهنجي هٿَ جا۔ هوڪا بيٺو ڏي،
حاڪم سڀ هڪجهڙا ناهن۔
هر ڪنهنجو ليکو هتي۔ آ پنهنجي ليکي،
حاڪم سڀ هڪجهڙا ناهن۔
زاهد جن وَتِ سَچُ آ۔ سوچَ ڏين ٿا سي،
حاڪم سڀ هڪجهڙا ناهن۔
حاڪم سڀ هڪجهڙا ناهن۔



دردَ ڏُکايل ديس جا۔ روز لڪڻ جي لاءِ،
پنهنجو رَتُ ولوڙيان ويٺو۔
جذبن منجهه ورهائجي۔ هر پاسي هر جاءِ،
پنهنجو رَتُ ولوڙيان ويٺو۔
روز رنگيلا ٿا چون۔ لائيف ڪر انجواءِ،
پنهنجو رَتُ ولوڙيان ويٺو۔
چو ٿو تڙپا ڇيڳرا۔ تون نه مونکي سمجهاءِ،
پنهنجو رَتُ ولوڙيان ويٺو۔
هاڻي مان ڪنهنکي چوان۔ سرمد وانگر ڳاءِ،
پنهنجو رَتُ ولوڙيان ويٺو۔
زاهد ڪي تنها ڇڏي۔ تون به هليو وئين هاءِ،
پنهنجو رَتُ ولوڙيان ويٺو۔
پنهنجو رَتُ ولوڙيان ويٺو۔

کنھن پل منجھ مليا ـ ڪنھن پل وڇڙي ويا،
پرديسين جا پيار اڌورا ـ
چند گھڙين جا ٿھڪ سمورا ـ راهن منجھ رهيا،
پرديسين جا پيار اڌورا ـ
سپنا سارا سُڏڪا ٿي ويا ـ سچا ٿي نہ سگھيا،
پرديسين جا پيار اڌورا ـ
روز سفر ۾ هر ساٿيئڙي ـ سُورَ سَنا ساڳيا،
پرديسين جا پيار اڌورا ـ
زاهد مرضيءَ ساڻ وتا مون ـ مونکي مِلڻا ها،
پرديسين جا پيار اڌورا ـ
پرديسين جا پيار اڌورا ـ



جاڪون جيءَ جَڙيا ـ اکڙين مَنجھہ آڙيا،
اوسيئڙا اڌ رات جا ـ
هر مانديءَ ميهار لئہ ـ ڪيڏا روز ڪيا،
اوسيئڙا اڌ رات جا ـ
سورج ڏي وينڌڙ سَين ـ رستن لاءِ رهيا،
اوسيئڙا اڌ رات جا ـ
سَرسُ ٿيا هر سال ڪان ـ وڏي هيل وَيا،
اوسيئڙا اڌ رات جا ـ
زاهد اُميدون ڪٽي ـ آهن پنڌ پيا،
اوسيئڙا اڌ رات جا ـ
اوسيئڙا اڌ رات جا ـ

اُجرا ٿي نہ سگھيا۔ اُجرن چھرن جا،
اندر ڪيڏا ڪارا آهن۔
بيوس ڪنوار جي ڪاج ۾۔ سيني سَهِرن جا،
اندر ڪيڏا ڪارا آهن۔
سَسُئي سُڏڪي ٿي چوي۔ مُنهنجن ڏيرن جا،
اندر ڪيڏا ڪارا آهن۔
سِنڌُ جي دشمن بي رحم۔ ڪُل وڏيرن جا،
اندر ڪيڏا ڪارا آهن۔
زاهدَ سُهڻيءَ سنڌ ۾۔ رهندڙ غيرن جا،
اندر ڪيڏا ڪارا آهن۔
اندر ڪيڏا ڪارا آهن۔



سچن ساٿين جا۔ ماڪيءَ کان مٺڙا،
پَڪا رشتا پيار جا۔
چمڪن پيا ٿا چنڊ جان۔ جن وٽ چاهہَ ڇِٽا،
پَڪا رشتا پيار جا۔
سي ئي گھر گلزار ٿيا۔ جاتي جيءَ جڙيا،
پَڪا رشتا پيار جا۔
پيار بنا پاپي ڏِٺم۔ رَتُ سندا رشتا،
پَڪا رشتا پيار جا۔
هو سَيُ رَتُ پيئاڪ ها۔ سچا ٿي نہ سگھيا،
پَڪا رشتا پيار جا۔
زاهدَ ساريءَ سنڌ ۾ ۔ مُنهنجا کوڙ مِٺا،
پَڪا رشتا پيار جا۔
پَڪا رشتا پيار جا۔

هيٽا ٿي نہ هَلو، جهيٽا ٿي نہ جيو
دلبر پنهنجي ديس ۾.
گڏجي ڏاڍُ ڏَکائبو چرکو ويتا چو
دلبر پنهنجي ديس ۾.
سُورجَ سوچُن ۾ کٽي، اوچا اُپَ ٿيو
دلبر پنهنجي ديس ۾.
سچائيءَ جي ساٿَ کي، سَگهہ وَڏي سَمجهو
دلبر پنهنجي ديس ۾.
آهي جنهن ۾ آجپو، واٿَ اُها وٿجو
دلبر پنهنجي ديس ۾.
زندهہ سنڌي قوم کي، مَحشَر تئين رکجو
دلبر پنهنجي ديس ۾.
زاهد پنهنجي الف بي، سنڌيءَ ۾ پَڙهجو
دلبر پنهنجي ديس ۾.
دلبر پنهنجي ديس ۾.



گهر گهر ٿيو گهورَ، تاويزن جا شورَ
مُرشد رات رَهي پَيو.
ٿَکلَ پاپيءَ پيرَ کي، نياٽيون ڏيندين زورَ
مُرشد رات رَهي پَيو.
ياڳين ڏِنا چورَ کي، کاهي ڍڳيون ڍورَ
مُرشد رات رَهي پَيو.
ماريءَ جوڙيو محل آ، کري پونگيون پورَ
مُرشد رات رَهي پَيو.
انسانن جي روپ ۾، آهن آدم خور
مُرشد رات رَهي پَيو.
زاهد نيٺ نهوڙيا، ڏاڙيلن جا دئور
مُرشد رات رَهي پَيو.
مُرشد رات رَهي پَيو.






## سنڌ سلامت
## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي ڪي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book